


www.sindhsalamat.com

# بابائي سنڌ جي
# سنڌ لاءِ جدوجهد

جـــو

## تاريخي ۽ معلوماتي جائزو

تاريخ اشاعت ٢١- مئي ١٩٧٣ع

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

جلد اول — امداد طور ٻه رپيا — تعداد هڪ هزار


سنڌ هاري ڪاميٽي

هاري آفيس، حيدر چونڪ

حيدرآباد سنڌ.


www.sindhsalamat.com

# ٻه ڳالهيون سچڻ

- بابائي سنڌ جي وفات کان پوءِ، پهرين جولاءِ ١٩٧٠ع ”مجلس - چهلم“ جي موقعي تي، اسان ٻه ڪتاب پيش ڪري چڪا آهيون. هڪ ڪتاب ۾ ملڪ جي عظيم شخصيتن وٽان آيل پيغام ۽ اخبارن جا تاثرات ڏنل آهن.
  ٻئي ڪتاب ۾ بابائي سنڌ جي عملي زندگي، سچي تصويرن جي صورت ۾ ڏنل آهي.
  ٽيون ڪتاب ٢٥- آڪٽوبر ١٩٧٠ع تي بابائي سنڌ جي ولادت واري ڏينهن ”جشن - ولادت“ نالي سان سٺ صفحن تي شايع ڪيل آهي.

- سنڌ هاري ڪاميٽيءَ طرفان هيءُ چوٿون ڪتاب، اسان بابائي سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي ساليانه تي ورسيءَ تي اڄ اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون.
  هن ڪتاب ۾ بابائي سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ ذاتي زندگيءَ تي سنڌ جي مشهور اديبن ۽ بابائي سنڌ جي عقيدت مند دوستن جي مضمونن کانسواءِ ۽ سرڪاري ملازمت ڇڏي، سنڌ هاري ڪاميٽيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ بعد، صدر سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي حيثيت ۾ پنهنجن ساٿين سان گڏ، سنڌ مٿان ٿيندڙ ظلم ۽ نا انصافين خلاف جيڪا ٻه جدوجهد ڪئي آهي. انهيءَ جو مختصر ۾ تاريخي ۽ معلوماتي جائزو پڻ پيش ڪيو ويو آهي. جيڪو سنڌ جي تاريخ ۾ دستاويز جي حيثيت رکي ٿو.
  هن ورسيءَ ۽ ڪتاب جي ڪم ۾ اسان سان جن ٻه همدرد دوستن، هاري ورڪرن، مالي ۽ قلمي تعاون ڪيو آهي. انهن جا اسان بيحد ٿورائتا آهيون ۽ اِها اميد اٿم ته اهي حضرات هميشه اسان سان ڀرپور تعاون ڪندا رهندا.

- افسوس اٿم ته هڪ مهيني کان اخباري اعلان، خطن ۽ روبرو عرض ڪرڻ جي باوجود ٻه هن ڪتاب لاءِ سنڌ مان ڪنهن به سنڌي اديب، شاعر، پنهنجو مضمون يا شعر ڪو نه موڪليو، انهيءَ لاءِ ڇا ڪجي؟ اِها شڪايت سنڌ جي عوام جي عدالت ۾ پيش ڪريون ٿا. بس هاڻي عوامي عدالت تي ڇڏيل آهي جيڪو فيصلو ڏي؟

- سنڌ هاري ڪاميٽيءَ فيصلو ڪيو آهي ته هن کان پوءِ هر ورسيءَ تي بابائي سنڌ جا جيڪي سنڌي ۾ ڪتاب شايع ڪيل آهن آهي ۽ جيڪي انگريزي ۾ سنڌ جي مسئلن تي پمفليٽ لکيل آهن. انهن سڀني جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپايا وڃن. اهو ئي سبب آهي جو اسان هن ڪتاب جي بازاري قيمت جي بجاءِ ٻه روپيه امداد جي طلب ڪئي آهي. مونکي اميد آهي ته سنڌ جا محب - وطن دوست امداد جو همٿ ڏ گهيريندا ۽ ٻه روپيه امداد ڏئي هيءُ ڪتاب خريد ڪري اسان سان ڀرپور تعاون ڪندا.

جيئي سنڌ، جيئي جتوئي

اوهانجو

**غلام حسين سومرو**

جنرل سيڪريٽري

سنڌ هاري ڪاميٽي

تاريخ ٢١- مئي ١٩٧٣ع

حيدرآباد

www.sindhsalamat.com

غلام محمد گرامي

# باباءِ سنڌ

## حيدر جي ھٿان، وڙھہ تہ ويري مارئين (لطيف)

”بابائي سنڌ“، حيدر بخش جتوئي ’حيدر‘، جي عظيم ۽ آدرشي شخصيت انهن تاريخي ۽ آدرشي انسانن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿي، جن ڪي ”تاريخ ساز“ چيو ويو آهي. ’حيدر‘ جي انقلابي ۽ آدرشي شخصيت پنهنجي علمي ۽ عملي جدوجهد جي خيال کان، منهنجي نظريہ ۽ تحقيق موجب ”دودي ۽ درياءَ خان“ جي هم پائيہ شخصيت آهي.

ـ ’دودو‘ بادشاهہ هو، ۽ ’درياءَ خان‘ وزيراعظم ۽ سالار جنگ هو. وٽن وسيلن ۽ ذريعن جي ڪابہ اڻاٺ ڪانہ هئي. انهن جي مقابلي ۾ ’حيدر‘ زماني جي ضرورتن جي خيال کان، توڙي ظاهري وسيلن ۽ ذريعن جي لحاظ کان آزاد بہ هو ۽ مستغني بہ هو. ”درياءَ خان ۽ دودي“ جي عظمت انهن جي مجاهدانہ ڪردار ۾ مضمر آهي، جو ڪردار لشڪرن ۽ فوجن، سامان ۽ دولت جي موجودگيءَ ۾ ادا ڪيو ويو، پر ’حيدر‘ جو ڪردار ظاهري طور تي نہ لشڪرن ۽ فوجن جو محتاج رهيو ۽ نہ ساز ۽ سامان، جو گهرجائو رهيو. ’حيدر‘ نہ دولت ۽ سرمائي جو محتاج رهيو ۽ نہ انقلاب پسند سائين جو محتاج رهيو. ’حيدر‘ پوري زندگي ”دل ۽ دماغ، قلم ۽ علم“ جي هٿيارن سان جهاد ڪندي گذاري ڇڏي. لشڪر ۽ هٿيار، ساز ۽ سامان، دولت ۽ ذريعا فقط چار هئا. ”دل، دماغ، قلم ۽ علم.“

ـ انساني تاريخ ۾ تمام ٿورا تاريخ ساز انسان نظر اچن ٿا، جي تنها نموني ۾ تاريخ ساز معيار ۽ اقدار جا حامل رهيا. ’حيدر‘ بہ اهڙن تاريخ ساز انسانن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

ـ جديد نفسيات جي چاڻن، ڪن عظيم شخصيتن ڪي غير معمولي صلاحيت، عمل ۽ ڪردار، اخلاق ۽ آدرش جي خيال کان ”عبقري“ ۽ ”جينيئس“ قرار ڏنو آهي. اهي پنهنجي دور کان گويا صديون اڳ ٿا پيدا ٿين، انهن جو ”ڪردار ۽ پيغام“ حال کان صدي ڪن پوءِ واري دور لاءِ انقلابي ۽ آدرشي نصب العين ڪري قبول ڪيو وڃي ٿو. ’حيدر‘ جي ”جينيئس“ شخصيت ۾، عبقريت، جا لازوال آدرش ۽ نقوش ملن ٿا.

ـ ”حيدر“، علم جديد ۽ قديم جو پنهنجي معاصر دوستن کان وڏو عالم ڪري مڃيو ويو آهي. ’حيدر‘ شاعرانہ دل ۽ دماغ وارو حساس ۽ سڀاجهو انسان هو. ’حيدر‘ تحرير ۽ تقرير جي ميدان شعلہ خيز ۽ باطل سوز ”بيان“ جو مالڪ هو. ’حيدر‘ اخلاقي حيثيت سان، بلند ڪردار شخصيت جو آئينہ دار هو، سندس فقط هڪ ”روپ“ هو، هو ابن الوقت اڳواڻن ۽ قومي خدمت گذارن جي دعوائن واري ”بهروپ“ کان گهڻو بلند هو، هو سياسي ليڊر نہ هو، پر هڪ قسم جو ”مصلح ۽ رفارمر“ هو، ان ڪري سندس حق گوئيءَ ۽ حق پسنديءَ ۾ ڪوبہ فريب ۽ ريب نہ هو. ’حيدر‘ لاطمع هو ۽ مرد قلندر هو، کيس ذاتي شهرت ۽ مقبوليت، ذاتي تعريف ۽ توصيف، ذاتي وڏماڻهپائيءَ ۽ ذاتي وجاهت، صدارت ۽ امارت کان نفرت هئي.

ـ ’حيدر‘ درويش صفت هو، سندس اخلاقي اوصاف صوفين ۽ درويشن، تارڪن ۽ زاهدن وارا هئا، سندس لٽو ڪپڙو بہ سادو، اٿڻ ويهڻ بہ سادو، ماڻهن سان ملڻ جو ڍنگ بہ سادو، سفر ۾ بہ سادو، تہ حضر ۾ بہ سادو. اها سادگي، سندس ”فطري اخلاص“ مان پيدا ٿي هئي. جديد نفسات جي ماهرن جي راءِ موجب، ان قسم جو انسان، پنهنجي طبعي جبلت موجب، پنهنجي زمانہ ساز دور ۽ ان دور جي منافقانہ وضع داريءَ جي خلاف، ”حقيقت پسند ۽ صالحيت پسند، صداقت پسند ۽ اخلاص پسند“ ٿئي ٿو. ’حيدر‘ ۾ نہ نٺ نانگر ڏنوسون ۽



www.sindhsalamat.com

نہ آڪڙ شاڪڙ ڏٺيسين. ’حيدر‘ ۾ نہ نفاق ڏٺوسون ۽ نہ ريب فريب ڏٺوسون . ’حيدر‘ جا بہ ڳالهہ ڪئي، سا سورنهن آنا سچي، پوءِ اها ڪڙي ڇو نہ هجي!

سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وڻي نہ وڻي!

تختہ دار تي بہ حق چيائين، جيلن ۾ بہ حق چيائين. مارشل لا جي دور ۾ بہ سچ چيائين، ۽ ڪورٽن ۾ بہ سچ ٻڌايائين. مرندي دم تائين سچ چيائين. سنڌ جي هن عظيم سورهيہ سورمي جو بيان توڙي تحرير، عمل توڙي ڪردار، سڀ ’سچ‘ جي مرڪز تي قائم رهيا.

’حيدر‘ جي شخصيت جي تشڪيل ۽ تعمير ۾ اهڙا اخلاقي عناصر ڪيئن پيدا ٿيا؟ اهو هڪ جدا بحث آهي. اگر مختصر طور ڇئجي تہ پوءِ رڳو ائين چئي سگهندس، تہ ’حيدر‘ ان درويشانہ مسلڪ واري خاندان جي سلسلي جي پيداوار آهي، جنهن مسلڪ ۽ مذهب کي، فلسفہ حيات، توڙي ’فلسفہ تصوف‘ ۾ وڏي حيثيت حاصل آهي. ’حيدر‘ جو فقيراڻو خاندان، سنڌ جي ڪلهوڙن حاڪمن جي سهرودي طريقي سان وابستہ رهيو آهي. ڪلهوڙا حاڪم فقير بہ هئا ۽ حاڪم بہ هئا ۽ فڪر ۽ فڪر، سوز ۽ سماع، جا صاحب هئا. لطيف خوب فرمايو آهي:

ڏينهان ڏورن ڏت سين، راتيون ڪن رهاڻ،
عمر تنين ڪاڻ، منهنجو روح رڙيون ڪري.

ـ فقر ۽ اخلاص، زهد ۽ ترڪ دنيا، خلق جي خدمت ۽ انسان سان محبت، تصوف جو اهو عالمگيرائر آهي، جنهن کي نفسيات جا ماهر بہ مڃين ٿا. حيدر ۾ ”توارث جي راهہ کان اهڙا“ ”اوصاف ۽ آثار“ موجود هئا، جن کيس دولت جي فريب ۽ وجاهت جي ڪشش ۾ قابو نہ ڪيو. ’حيدر‘ من جي دنيا ۾ مست رهيو، پيو تہ ’حيدر‘ جي اوائلي زندگي، ”مولانا روم“ جي ”الهامي جذبات“ ۽ ”فاسفيانہ واردات“ سان تڪشيل پذير ٿي رومي فقط ”مغز ۽ ڳر“ جو قائل آهي، هو مذهبن جي ٻاهرين رسمي ”کل تي مغز“ کي ترجيح ٿو ڏئي. ان طرح رومي، مذهبن ۽ انهن جي ”معمولات ۽ رسومات“ کي فقط ”وسيلو ۽ ذريعو“ قرار ٿو ڏئي، جي ڪنهن ”خاص مقصد“ ۽ ”خاص آدرش“ لاءِ مخصوص ڪيا ويا آهن. ’حيدر‘ مولانا روميءَ جي ان نظريہ جو زنده مثال هو. جديد علم بہ پڙهيائين ڪميونزم ۽ سوشلزم بہ مطالع ڪيائين، پر ”مذهبيت ۽ لا مذهبيت“ جي دائرن ۾ رهندي، روميءَ جي چوڻ موجب، هميشه، ”مغز ۽ حقيقت“ جو ڳولائو رهيو ۽ رسم ۽ کل کان دور رهيو.

ـ ’حيدر‘ جي ’عبقريت‘ وارن اوصافن ۾ سندس ”بهادرانہ شخصيت“ کي وڏي اهميت حاصل آهي. ”حق ۽ صداقت“ کي تحرير ۾ آڻڻ ۽ زبان سان پيش ڪرڻ کي ڪردار ۽ فلسفہ حيات جي عملي دنيا ۾ ”دعويٰ“ چئبو آهي، ان زباني ۽ بياني دعويٰ“ جي ”تائيد ۽ تصديق“ جي دنيا اڃا اڳيرو آهي. رڳو زبان سان ڪلمہ گوئي بہ مسلمانيءَ جو ڪمال ناهي: لطيف چيو آهي:

ان پر نہ ايمان، جئن ڪلمہ گو ڪونائين،
دعا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آذرو آهئين.

سو بهادرانہ حثيت، رڳو زباني دعويٰ، ڪتابن جي تصنيف تاليف پڙهڻ ۽ ڳالهين ڪرڻ ۽ ٻڌڻ سان پيدا نہ ٿي ٿئي. ڪتابن جي پڙهڻ سان تہ رڳو عقل ٿو وڌي، جو ”عمل ۽ شجاعت“ جو ازلي ۽ ابدي دشمن آهي. عقل، هميشه ”حيلہ ساز ۽ بهانہ باز“ ٿو رهي، ڪڏهن بہ عقل واري بزدليءَ کان ٻاهر پير نہ رکيو آهي پر ان جي مقابلي ۾ ”عشق“، هر محاذ تي ”باطل شڪن ۽ باطل سوز“ ٿو رهي دماغ جي رهنمائي، سود و زيان ۽ نفع نقصان جي دائري اندر محدود ٿي رهي، پر عشق جي امانت ۽ امامت، لطيف سائينءَ جي ارشاد موجب:

هڻ ڀالا وڙهہ ڀاڪرين، آڏي ڀال م ڀار،
مٿي تيغ ترار، مار تہ متارو ٿئين،

جي مصداق، ڀالن هڻڻ سان، ڀاڪرين وڙهڻ سان، ترار جي مٿان ترار وهائڻ سان وابستہ آهي.

عشق ناهي راند، جيڪي ڪيڏن ڳيرو،
سسي نيزي پاند، اڇل تہ اڏ ٿئي.

سو عقل آهي حيلہ جوئي ۽ عشق آهي، تختہ دار کي سينگارڻ ’حيدر‘ هميشه عشق جي دنيا



www.sindhsalamat.com

۾ رهي، باطل ڪي للڪاريو ۽ سوريءَ کي سينگاريو. چي:

سوري آ سينگار، اصل عاشقن جــو!

– ’حيدر‘ هميشه، شاه شهيد، جهوڪ ڏڏيءَ جي هن شعر:

سربر قدم يار، فدا شد، چہ بجا شد،
اين بار گران بود، ادا شد، چہ بجا شد.

تـي عمل ڪيو. ان ايثري ۽ عظيم قربانيءَ لاءِ قوم کان ڪوبہ انعام نہ گهريائين. هڪ ڀيري چند دوستن جي موجودگيءَ ۾ سندس عظيم شخصيت لاءِ مختلف قسم جا لقب چوندڄي رهيا هئا. ان وقت ”مهراڻ“ رسالي جو تازو پرچو مون کين موڪليو هو، ان تي لکيو هوم، ”بابائي سنڌ، حيدر بخش جتوئي جي خدمت ۾“. فرمايائين: ”مولانا گرامي جو تبرڪ طور چيل لقب، ”بابائي سنڌ“ ئي ڪافي آهي.“ بس اهو آهي سندس قربانين جو صلو ۽ انعام!

– سو عرض پئي ڪيم تہ ’حيدر‘ هر محاذ تي، عشق کي امام بنايو، سندس بهادرانہ بصيرت هـر ميدان تي عشق کي اڳواڻ بنايـو ۽ ڪنهن بـہ ابن الوقتيءَ جو شڪار نہ ٿيو.

– ’حيدر‘ سائنس ۽ اقتصاديات جي مطالع کان پوءِ بہ، ”حيلہ تراش ۽ بهانہ ساز“ نـہ رهيو، پـر بيباڪ ۽ بيپرواه رهيو، سائنس ۽ اقتصاديـات ويتر سندس جنون ۽ عشق کي وڌايو.

اها عشق واري بهادري ۽ بصيرت، روميءَ، جي مطالع مان ظهور پذير ٿي، جا آخر تائين قائم ۽ دائم رهي. دنيا ڏسي ورتو تہ ’حيدر‘ پنهنجي نصب العين ۽ جدوجهد کي پايہ تڪميل تي پهچڻ واري سلسلي ۾، هڪ قابل تعريف ”سنگ ميل“ بڻجي، ”ڪاروانِ حيات کان جدا ٿي ويو! بيشڪ ’حيدر‘ حب الوطنيءَ ۽ انسان دوستيءَ، جي هڪ عظيم علامت بنجي چڪو آهي. جيستائين سنڌ جيري آهي، تيستائين ’بابائي سنڌ‘ بہ زنده آهي. ”جيئي سنڌ،“ جيئي بابائي سنڌ!.

زندگي جدوجهد اڻ ٿڪ سفر
زندگي محنت، ڪنهن هاريءَ جو هر
بي سبب محنت، نہ جنهن جوانت ڪو
زندگي قربانين جو معرڪو
زندگي حيدر جي پيڙا جان عظيم
کهڙي شي آ درد ان جي کان عظيم
زندگي بي ڦل چڱائي آهي ڪا
جا ڪرم پِيي پاڻ، ڦل پِيي پاڻ آ
خلق جي خدمت کان وڌ ڇا بندگي
زندگي با بندگي تا بندگي.

– تنوير عباسي



www.sindhsalamat.com

آءِ - آءِ سومرو

# جتوئي صاحب

حياتيءَ جي دور ۾ ڪجهه نه ڪجهه چيلينج سامهون ايندا آهن، هر انسان ڪي اهڙا ڏينهن ڏسڻا پوندا آهن جن ۾ انجي آزمائش ٿيندي آهي. سپڪو پنهنجي طاقت ۽ وسعت آهر انهيءَ ڪي منهن ڏئي ٿو. ليڪن زمانو فقط انهن جي سختين ۽ آزمائشن کي ايترو ياد نٿو ڪري جيترو انهن کي منهن ڏيڻ جي نوعيت ۽ طريقي کي ياد ٿو ڪري. انهيءَ مان ئي دنيا جي پردي تي مقابلي ڪندڙ جي شخصيت ۽ عظمت اڀري واضح ٿئي ٿي. جيتري قدر طريقا ۽ نوعيت سچائي سان ڀرپور هوندا. انسان جي شخصيت به اوتري قدر مڪمل، همه گير ۽ عظيم مرتب ٿيندي رهندي ۽ ان ڀرپور شخصيت جا نقش زماني تي گهاٽا ۽ اثرائتا چٽبا ويندا آهن. اهي ئي مستقبل ۾ پڻ جي رهنمائي ڪندا رهن ٿا. جتوئي صاحب انهن بلند پايه شخصن مان هو جن پنهنجي جامع شخصيت سان زماني جي هر چيلينج جو مقابلو ڪيو ۽ عظيم الشان قربانين سان وقت جي سيني تي تمام گهرا نقش چٽي ڇڏيا، جيڪي هميشه جرڪندا رهندا ۽ جن جي لازوال تابناڪي کان اسين هر وقت رهبري حاصل ڪندا رهنداسين.

چيو ويندو آهي ته انسان حالتن جو تابع هوندو آهي! حالات جا پيچ وخم انسان کي هر وقت امتحان ۾ مبتلا ڪندا رهن ٿا، وقت جون بي رحم لهرون چڱن چڱن کي لوڙهي ويندڙيون آهن، خاص طور سياسي ميدان ۾ وقت جون نيون نيون تقاضائون سياستدانن لاءِ هڪ وڏي امتحان کان گهٽ نه هونديون آهن، ۽ اها به حقيقت آهي ته وقت جي آزمائش مان گذارڻ بعد ئي ڪنهن سياستدان يا اهل دانش جي صلاحتين جي چڱي طرح خبر پوي ٿي ليڪن جتوئي صاحب کي وقت جي بي رحمي ۽ بي ثباتي ڪان پريشان ٿيڻ نه ايندو هو بلڪ زماني جي آزمائشن کي خنده پيشانيءَ سان خير مقدم ڪرڻ هن لاءِ تمام رواجي ڳالهه هئي. هم عصر سياستدانن ۾ سندس ڪردار جي بلندي جو سبب پڻ اهيو هو جنهن کي اسين سنڌ واسي ڪڏهين فراموش نٿا ڪري سگهون.

اصول سان بي پناهه عقيدت جي حد تائين محبت سندس حياتي جو قيمتي سرمايو هو، جنهن کي جتوئي صاحب آخر دم تائين سيني سان سانڍي رکيو، ڪيترائي دفعا اصول ۽ موقف تبديل ڪرڻ خاطر ڪوتاهه بين ۽ تنگ نظر افراد مٿس تنقيد ڪئي، مگر ڪڏهين متاثر نه ٿيو بلڪ وقت گذارڻ سان گڏ سندس اصول جي سچائي جا مخالف به قائل ٿي ويا، جنهن ڪري احترام، عزت ۽ مقبوليت جي جنهن مقام تي پهتو اهو شايد ئي ڪنهن ٻي صوبائي اڳواڻ کي نصيب ٿيو هجي! اها مرحوم جي حياتي ۾ وڏي ڪاميابي ۽ خوش بختي هئي ورنه مرحوم جا ڪيترائي اهڙا هم عصر سياستدان اڃا بقيد حيات آهن پر پنهنجين بي اصولين سبب هاڻي قوم کان روپوش زندگي گذاري رهيا آهن.

جتوئي صاحب جي شخصيت جي اهم خوبي ”جرات اظهار“ هئي. عملي طور خواه نظرياتي طور اهيو عنصر سندس مزاج تي هميشه غالب رهيو محض تڪاليف ۽ پريشاني جي خيال کان پوئتي نه هٽندو هو، سندس حياتيءَ ۾ ڪيترائي اهڙا حوصله شڪن مرحلا آيا جن مان هڪ وقت قلم و زبان تي حڪومت قانون طرفان بندشون عائد هيون، مگر مرحوم حق جي ڳالهه چوڻ کان دريغ نه ڪيو: جسٽس منير جي فتوئا تي جيڪو عدل و انصاف متعلق تنقيدي ڪتابچو لکيو هئائين، اها سندس جرات جو لاثاني مثال آهي ۽ بلند حوصلي جو اڻ مٽ دستاويز چئي سگهجي ٿو.



www.sindhsalamat.com

اي. جي. ملڪاڻي دادو

# سنڌ جو عظيم فرزند

هڪ اهڙي شخصيت، جنهنجو صرف جيل ۾ گذاريل زندگيءَ جو عرصو منهنجي عمر برابر هجي، اُن متعلق ڪجهه لکڻ وقت منهنجا هٿ ڏڪڻ لڳن ٿا ۽ قلم ۾ لغزش محسوس ٿئي ٿي. باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي جي سڄي زندگي هڪ عظيم جدوجهد جي تاريخ آهي، جنهنجو هر ورق عالمي انساني اخوت، ڀائيچاري، انصاف ۽ سچائيءَ جو لافاني پيغام آهي. جيتوڻيڪ هو اڄ اسان وٽ موجود نه آهي مگر سندس حق، انصاف ۽ سچائيءَ جي روشن ڪيل مشعل هن ظلم، ڏاڍ ۽ انسانيت ڪش دور ۾ به اسان نوجوانن لاءِ باعث- رهنمائي آهي.

وقت گذرندي دير نه ٿي لڳي. اڄ کان ڏهه سال اڳ آڪٽوبر ١٩٦٢ع ۾ مون ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ کي پهريون دفعو ميونسپل پارڪ دادوءَ ۾ عام جلسي کي خطاب ڪندي ڏٺو. اهو دور ايوبي آمريت جي ظلم ۽ بربريت جو انتهائي مشڪل ترين دور هو. ملڪ جا تمام جيل خانا سياسي قيدين سان ڀريل هئا، هر طرف آفيسر شاهي ايوبي راڄ کي قائم رکڻ لاءِ عوام ۾ دهشت، خوف ۽ هراس ڦهلائي ڇڏيو هو. ڪنهن به عوامي نمائيندي کي اجازت نه هئي ته هو ايوبي آمريت جي ظلمن ۽ زيادتين خلاف آواز اٿاري سگهي. اهڙي سخت ترين دور ۾ حيدر بخش جتوئي جهڙي حق گوءِ ماڻهون جي جلسي عام کي خطاب ڪرڻ هڪ وڏي جرئت ۽ بهادريءَ جو مثال هئو.

اُنهيءَ ڏينهن صبح کان ئي شهر جي اهم رستن تي پوليس جو پهرو بيهاريو ويو هئو. اسين شاگرد جڏهن شام جو پنجين بجي ميونسپل پارڪ پهتاسين تڏهن پارڪ جي وڏي دروازي ٻاهران پوليس جو وڏو تعداد لٺين ۽ رائيفلن سان مسلح بيٺل ڏٺوسين. اسين جڏهن پارڪ ۾ اندر گهڙياسين تڏهن ڏٺوسين ته سڄو پارڪ هارين، مزدورن ۽ عوام سان ڀريل هئو. جلسي ۾ پوليس جي دهشت ۽ هراس ڦهلائڻ جي باوجود ڪافي ماڻهون شريڪ ٿيا هئا. پارڪ ۾ چوطرف سي- آءِ- ڊي پوليس سادن ڪپڙن ۾ پکڙيل هئي. اسان کي خوش قسمتيءَ سان اسٽيج جي ڀرسان ويهڻ جي جڳهه ملي ويئي، جتان محترم جتوئي صاحب جن بلڪل چٽي طرح سان نظر اچي رهيا هئا. ساڻن گڏ سندن رفيق محترم قاضي فيض محمد جن به ويٺا هئا.

قاضي صاحب جن جي پرجوش تقرير کانپوءِ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي عوام جي بيحد تاڙين ۽ نعرن جي گونج ۾ مائيڪ تي آيا ۽ تقرير شروع ڪيائون، پاڻ فرمايائون ته، ”آءٌ غريب هارين ۽ پورهيت عوام کي ڏکن ۽ تڪليفن ۾ ڏسي خاموش رهي نٿو سگهان. آءٌ سندن حقن جي جدوجهد ۾ ساڻن هميشه گڏ رهيو آهيان ۽ دنيا جي ڪابه طاقت مونکي اِنهيءَ عظيم فرض کان باز نٿي رکي سگهي. آءٌ جيلن ۽ ٻين سختين کان نٿو ڊڄان، هينئر به آءٌ چند ڏينهن ٿيندا جو جيل مان آزاد ٿي ٻاهر آيو آهيان ۽ اڄ هتي اچي توهان وٽ محض انهيءَ لاءِ حاضر ٿيو آهيان ته توهانکي اُنهن ظلمن کان آگاه ڪيان جن جو شڪار هاري ۽ غريب پورهيت ٿي رهيا آهن. توهانکي خبر هئڻ گهرجي ته اڄ به غلام محمد بيراج ۽ گڊو بيراج جي لکين ايڪڙ زمين غريب بي زمين هارين جي بجاءِ وڏن جاگيردارن ۽ سرمائيدارن کي حڪومت وڪڻي رهي آهي. اُنهن زمينن تي پيڙهين کان آباد مسڪين هارين کي بيدخل ڪيو پيو وڃي. غريب هارين کي معمولي قسطن تي زمين ڏيڻ بجاءِ، زمينن جو عام نيلام جاري آهي- آءٌ حڪومت کي ٻڌائڻ گهران ٿو ته اسين انهن ظلمن ۽ نا انصافين کي وڌيڪ برداشت ڪري نه سگهنداسين ۽ هاڻي هارين، پورهتين ۽ غريب عوام جي گڏيل جدوجهد



www.sindhsalamat.com

سان اسين پنهنجا حق حاصل ڪري رهنداسين.“ سندن تقرير دوران عوام بار بار تاڙيون وڄائي ۽ نعرا هڻي پنهنجي جوش ۽ خروش جو اظهار ڪري رهي هئي. ڪيترن هارين جلسي جي اختتام تي ڪامريڊ جتوئي کي پنهنجن تڪليفن، ڏکن ۽ دردن متعلق درخواستون پيش ڪيون ۽ ڪن واتي وٽين مشڪلاتون بيان ڪيون. ڪامريڊ جتوئي اُنهن کان آهي سڀ درخواستون ورتيون، سندن تڪليفون ٻڌندا رهيا ۽ کين تسلي ڏنائون.

اسين شاگرد جلسي کانپوءِ اسٽيج تي محترم جتوئي صاحب ۽ قاضي فيض محمد جن وٽ اچي گڏ ٿياسين ۽ ساڻن گفتگو ڪرڻ جو موقعو ملي ويو. ڪامريڊ جتوئي اسان کي چيو ته، ”پٽ توهان شاگرد قوم جو ضمير آهيو. توهان ڏسي رهيا آهيون ته هن وقت سنڌ ۾ ڪيترا ظلم ٿي رهيا آهن، توهان جو هن وقت اهو فرض آهي ته پنهنجي ستل قوم کي جاڳايو ۽ پنهنجي پڙهائيءَ سان گڏ ڪجهه وقت بچائي عوامي شعور بيدار ڪرڻ جي جدوجهد کي تيز ڪيو.“ اٌڄ سندن تمام ويجهو ويٺو هئس مون ڏٺو ته ڪامريڊ جتوئي کي سادو لباس پهريل هئو، سندن گفتگو ۾ غرب محبت ۽ همدردي جو جذبو نمايان هئو، سندن شخصيت ۾ ڪابه مصنوعيت يا بناوت نه هئي. اسين شاگرد سندن سادگيءَ کان بيحد متاثر ٿياسين. ڪامريڊ جتوئي ۽ قاضي صاحب جن جلسي کانپوءِ پنهنجي رهائش گاه ڏانهن بجاءِ ڪنهن ڪار يا جيپ ۾ وڃڻ جي اسان سان گڏ پيادل هليا ۽ رستي ۾ مختلف مسئلن تي گفتگو ٿيندي رهي.

ٿورن ڏينهن کانپوءِ معلوم ٿيو ته حيدر بخش جتوئي کي گرفتار ڪري مچ جيل (بلوچستان) ڏانهن موڪليو ويو آهي. انهن ڏينهن ۾ اخبارن تي سخت سينسرشپ هئي تنهن ڪري اسان کي اها خبر ڪيترن ڏينهن کانپوءِ پئي. ڪامريڊ جتوئي پنهنجي سڄي زندگي غريبن، مظلومن، هارين ۽ پورهيت عوام جي غضب ٿيل حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي. هن غريب ابوجهه هارين جي حقن لاءِ تڪليفون سٺيون، جيل جي سختين کي برداشت ڪيو ۽ هميشه وڏي کان وڏي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار رهيا. ايوبي آمريت جي سخت ترين دور ۾ جڏهن سڀ نام نهاد جاگيردار، سرمائيدار ليڊر ڪُئن وانگر وڃي ٻرن ۾ لڪا هئا ۽ عوام ظلمن ۾ پيڙجي رهيو هو تڏهن. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي هارين، مزدورن ۽ عوامي جلسن، جلوسن ۾ دشمن کي بي نقاب ڪندو رهيو.

ڪامريڊ جتوئي ايوبي حڪومت جي دور ۾ اڪثر وقت جيلن ۾ گذاريو مگر پوءِ به سنڌ جي نوجوانن جي خون گرمائڻ ۽ حوصلا بلند رکڻ لاءِ سندن ڪلام، گيت ۽ انقلابي نغما ديس جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچندا رهيا. سندن گيت وطن ۽ غريب عوام سان بيحد محبت جي پاڪ جذبي سان ٽمٽار آهن. سندن ڪلام محنت ڪش عوام، هارين ۽ مزدورن جي ڏکن، دردن جو حقيقي ترجمان آهي. سندن انقلابي نغما نوجوان نسل لاءِ لافاني پيغام آهن.

ڪامريڊ جتوئي بهادر ۽ نهايت بلند حوصلي وارا انسان هئا، پاڻ ڏکئي کان ڏکئي وقت ۾ به ڪڏهن دشمن اڳيان نه جهڪيا نه ئي ڪڏهن شڪست تسليم ڪيائون. مونکي ياد آهي ته جڏهن مارچ ١٩٦٩ع ۾ سامراجي طاقتن جي اشاري تي، عوامي انقلاب کي ڪچلڻ لاءِ صدر ايوب ملڪ ۾ پيهر مارشل لا لڳائي تمام اختيارات فوج جي حوالي ڪيا هئا ته جيئن عوامي حقن جي جدوجهد کي سبوتار ڪيو وڃي، تڏهن به ڪامريڊ جتوئي پنهنجي تحريڪ کي جاري رکيو.

انهن ڏينهن ۾ جڏهن کين نواب شاه ۾ مارشل لا قانون جي خلاف ورزي جي الزام ۾ گرفتار ڪري سمري ملٽري ڪورٽ جي اڳيان پيش ڪيو ويو هو تڏهن پاڻ جڏهن ڪورٽ ۾ اندر داخل ٿيا تڏهن ميجر اڳيان زور سان نعرو بلند ڪيائون، ”جيئي سنڌ“. ميجر انهيءَ نعري تي ناراض ٿي ڪائن پڇيو ته، ”توهان اِهيو ڪهڙو نعرو لڳايو؟“ تڏهن ڪامريڊ جتوئي نهايت بهادريءَ سان وري زور سان نعرو بلند ڪيو ”جيئي سنڌ“. ميجر اِنهيءَ تي سخت ناراضگيءَ جو اظهار ڪندي کين چيو ته جيڪڏهن توهان وري اِهڙي قسم جو نعرو هتي لڳايو ته اٌڄ توهان کي (Contempt of Court) ”ڪورٽ جي



www.sindhsalamat.com

۾ بسن ۾ چڙهي گاڏي ڪاٽو حيدرآباد ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي گهر پهتا ۽ سندن جنازي ۾ شرڪت ڪيائون.

جيتوڻيڪ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي هن وقت اسان کان تمام پري هليو ويو آهي مگر سندس پيغام اسان جي ضمير جو آواز بڻجي چڪو آهي.

هن ڌرتيءَ تي جيسين حق، انصاف ۽ سچ جي شمع روشن آهي، تيسين ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي زنده رهندو. تاريخي طرح سان اڃان سندس پيغام، اصولن ۽ عقيدي تي پنهنجي لاظمي منطقي نتيجي تي پهچڻو باقي آهي.

جيئي سنڌ

●

عوامي عشق وارن جون دليون زخمي جگر گهايل،
جيئن تـا عـزم جي آذار هـي شام و سحر گهايل.
ائين آهـي اسان جي دوست حيدر بخش جي حالت
عليل آهـي مگر نـاهـي سندس نقطءِ نظر گهايـل.

*　　*　　*　　*

زمانا جنهن کي تون قيدي ڪندو هئين
اهـــو مـــرد ـ خـدا آزاد ٿـــي ويـــو
هـــوس مـــارين اميرن کي ٻـــڌايـــو
تــــ حيدر بخش زنده باد ٿـــي ويـــو.

- زيب عاقلي



www.sindhsalamat.com

غريب سک جو ساهہ پٽي دعائون ڏين ها، تڏهين توهان اهو دروازو ئي بند ڪري ڇڏيو جتان غريبن کي انصاف ملي پئي، جتي سندن دانهن جو داد ٿيئي ها، هاڻي ڇا ٿيندو توهان تہ غضب ڪري ڇڏيو، مطلب تہ پيو بہ الاجي ڇا ڇئي وڃي پار ٿيس، جڏهين مون بس ڪئي، تڏهين چيائين اهي تنهنجون ٻاراڻيون ڳالهيون نہ ويون، مون تو کي اڳيئي ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ آءٌ پنهنجي ضمير جي عقل ۽ علم موجب هلندس. مونکي اُڌاري مت نہ گهرجي، هاڻي ٻڌ مونکان سنڌ جي وڏي وزير، هڪ اهڙو ڪڌو ڪم ٿي ڪرايو. جو منهنجي ضمير ۽ منهنجي طبيعت جي سخت خلاف هو، تنهنڪري مون انڪار ڪيو. تنهن تي مون تي پنهنجو روب ڄمائڻ لاءِ چيائين تہ ان افعالن سان تون ڪليڪٽر ٿيندين. تنهن تي مون چيو تہ هي ضميرجوسوال آهي. منهنجوضمير گوارا نٿو ڪري تنهن تي هڪدم چيائين تہ واه ڪامورو ۽ ضمير، اهو تہ ڪوڙوئي ڪون ٿو لڳي. مون پنهنجي اصول تي ايڏي چوٽ ڪڏهين بہ ڪون سهي هئي. تنهنڪري اُتي جو اُتي استعيفا لکي اُڇلي ڪڍي اڳيان سٽي مانس.

منهنجا سائيو، هاڻي اوهان ئي ٻڌايو تہ هن سر ڦريل سورهيہ سرويچ کي ڪير ٿو سمجهائي، رواجي ڳالهہ نہ هئي، ڊپٽي ڪليڪٽري هئي جلد ڪليڪٽر ٿيڻ وارو هو. اهڙي حالت ۾ پنهنجي سڄي آئيندي تي پاڻي ڦيري ڇڏڻ رواجي ڳالهہ نہ هئي. منهنجي دعوىٰ آهي تہ حيدر بخش کان سواءِ اڄ تائين هن قحط رجالي جي زماني ۾ وطن عزيز لاءِ هن ريت هن وانگر ڪنهن بہ پاڻ کي برباد نہ ڪيو آهي. هن يار پوءِ دنيا جا سڀ ڌنڌا ڇڏي جهانگين ۽ ماروئڙن جي تحريڪ ۾ سمائجي ويو. هاڻي ”هاري حقدار“ سندس نعرو هو. هن تحريڪ کي ڪناري لائڻ لاءِ هُن مانجهي مرد ڇا ڇا نہ سٺو سو ڪنهن کان ڳجهو ڍڪيو ڪون آهي. قيدن تي قيد، بندن تي بند سٺائين پر متن مارن جي تات نہ ڇڏيائين، دنيا وارن بہ ڏکن متان ڏک ڏنس پر هيءُ ڪيڏاري سڀ ڪا راند کين ماريندو رهيو، آخر دشمنن ملي يڪجهت بنائي سندس مادر ـ وطن سنڌ کي ون يونٽ جي پنجوڙ ۾ ڦاسائي زنجيرن ۾ جڪڙي قابو ڪري ڪڳيون هڻي کلندا رهيا. تہ هاڻي نہ هوندو بانس نہ وڄندي، بنسري ويچاري مادر نماڻا نيڻ کڻي پنهنجن ٻچن ڏانهن آجي ٿيڻ لاءِ حسرت ڀرين نگاهن سان ڏسڻ لڳي. ٻچڙن بہ کيس ڪون وساريو پر جيجل جدائي تي هي اڻ موٽ سپاهي ڦٿڪي اُٿيو ڇئي ڏنائين تہ غدارو ياد رکو هڪ نہ هڪ ڏينهن هن سودي جو عيوضو اوهان کي سموري سود سوڌو ادا ڪرڻو پوندو. ٿيو بہ ائين جيئن مرحوم چيو سنڌ آزاد ٿي، غدارن پنهنجو انجام ڏٺو تاقيامت ڏسندا رهندا. پر مرحوم پاڻ سندن عبرت ناڪ انجام ڪون ڏٺو. ان تحريڪ جو بهانو بنائي کيس هروبرو باندي بنائيندا آيا. ڊالن جي معاملي پيري جڏهين اڃا تمام ٿورو وقت ٿيو هو جو ايوبي دؤر جي قيد کان آزاد ٿي آيو هو. تڏهين اچڻ سان ڊل بابت سنڌ سان نسوري ناحق بابت سچو پچو انگن اکرن مان ثابت ڪري هڪ ڪتابڙو ڇپائي پڌرو ڪيو هئائين ان جي پاداش ۾ هروبرو کيس ۳ سال سزا ڪري مچ جيل ڏانهن اماڻي ڇڏيائون.

وقت گذرندو ويو هن غريب آخر وطن تي واڳون واريون. وطن وارن بہ کيس خوش ٿي ڪيڪاريو ۽ هاڻي جيءُ ۾ جايون ڏيڻ لڳا. پر مسلسل قيدن ۽ بندن اوجاڳن فڪرن هن شيردل پهلوان جي تندرستي جهوري وڌي، ڏينهن و ڏينهن ويو نجهرندو. تڏهين بہ ”پوري بي نہ بات جيڪا سا جانب جي.“ آخر سندس اها مراد پوري ٿي صدر محترم جنرل آغا محمد يحيٰ خان ون يونٽ ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو. چوڌاري شادمانا ٿي ويا. آءٌ بہ اها خوش خبري ساڻ کڻي حيدرآباد آيس پر معلوم ٿيو تہ پاڻ ڄام شوري جي اسپتال ۾ زير اعلاج آهي آءٌ وٽس ويس ڏسان تہ منهن تي مرڪ گهٽي، مبارڪون وڏي هيج سان پي ڏنائين، ۽ قبول ڪيائين. پر پاڻ ڪنهن اڻ ڏٺي ڏيهہ ڏي وڃڻ جي تياري ۾ مشغول هو. مونکي اعتبار ئي نہ اچي تہ هي اهو مرد مجاهد آهي جنهن ڪڏهين شڪست قبول نہ ڪئي سو ميدان ڪيئن ٿو ڇڏي؟ پر پوءِ واحد لاشريڪ، جو ويچار آيو. جنهن ڪري اکين مان نار وهڻ لڳا. مون ڏٺو تہ مون سان گڏ هرڪو يگانو توڙي بيگانو اڄ روئي رهيو هو. هر ڪنهن کي سندس ضمير جا وڏ



www.sindhsalamat.com

ٻي پيا ته اسان هن شيردل سورهيه سان الاجي ڇا ڇا نه ڪيو هوندو، ۽ هن تي ڇا ڇا نه تهمتون مڙهيون هيون سون، الاجي ڇا سمجهندا هئاسون ارمان جو هن امل ماڻڪ جي جوت جو ڪوبه قدر ڪون ڪيوسين، هاڻي سوا ڪف افسوس ملڻ جو ٻيو ڇا هٿ ايندو. اتي اسان سڀني کي سڏي ڏاڍي سڪ سان سڀني لائي، چيائين تہ مڙس ٿيو اڄ اجها آزاد ٿي. هاڻي سندس بنائڻ ۽ سينڌ سينگارڻ ۽ سنوارڻ لاءِ ايڪ ۽ نيڪ ٿي سڀ ويڇا وساري ڪيس رات ڏينهن محنت ڪري سدا سهاڳڻ بنائڻ لاءِ هڙئون وڙئون اصل نہ گهٽائجو، جيئن اوهان جا ٻورهيا سجايا ٿين جيئن مادر ڏانهن ڪوبه رهزن اک کڻڻ جي جريت نہ ڪري، اسان عرض ڪيو تہ قبلہ، الله سائين اوهان کي جهجي حياتي ڏيندو توهان پاڻ اڄ جي سنوارن ۽ سينگارڻ ۾ اسانجي رهنمائي ڪندا. اسان جي ائين چوڻ تي پاڻ ٺڏو ساه کڻي چيائين ته:

ڏک لڳو ڏونگر ٻريو، پينر ڪاڻي پيون
منالاتـــو مـــون سنـدو جيئڻ اســرو

منهنجا سائيو، اڄ پاڻ ان مرد مولا جي ٽي ورسي ملهائڻ لاءِ هتي اچي گڏ ٿيا آهيون تنهنڪري پاڻ بہ خدا وند عالم جي بارگاه ۾ عاجزي سان ۽ ضمير قلب سان التجا ڪريون ته اي ڪارساز حقيقي اسان کي توفيق عطا ڪر ته اسان تنهنجي بندي حيدر بخش جي ڇڏيل ورثي کي خوش اصلوبيءَ سان نباهي تو وٽ ۽ وطن وارن وٽ سرخرو ٿيون اسان کي اهائي توفيق ڏي جا حيدر بخش کي عطا ڪئي هيءَ جنهن ڪڏهين هار ڪانہ ميجي هئي. اُميد اٿم ته خالق حقيقي اسان جي التجا قبول ڪندو. آءٌ آخر ۾ شاهہ عبدالطيف ڀٽائي جو هي بيت معذرت سان سندس قبر تي پنهنجي ڳوڙهن جا گل نڇاور ڪريان ٿو.

مون سي ڏٺا ماڻ جـن ڏٺـو پرينءَ کي
تن هي سندي ڪا ڪري نہ سگهان ڳالهڙي

●

ظالمن جـي لاءِ حيدر، حيدري تـلوار هو،
قوت ـ باطل اڳيان فـولاد جـي ديوار هو،
سخت دشواريون ڏٺيين ته بہ راه تي قائم رهيو،
سنڌ لئہ حيـدر جتوئـي منفرد ڪردار هو.

*　　*　　*　　*

**قطعہ تاريخ**

سنڌ جو سائي ۽ سورهيہ، ساه حيدر بخش آه،
چمڪندڙ سج آه؛ روشن مـاه حيدر بخش آه،
مرد مرندو ڪينڪي هي تا ابد هوندو حيات،
هر ستايل شخص جـــو همراه حيدر بخش آه.

سنہ ١٣٩٠ هجري

**- ”ڪمتر“ نقوي**



www.sindhsalamat.com

محمد دائود ابڙو
ڳوٺ ڪنڊو تعلقہ واره

# حيدر بخش جتوئي زنـــده بـــاد

اج پـــڻ اڪـــڙيـــن سڄڻ پنهنجا ساريـــا
ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نہ ڪن
سندي سڪ پرين لوڪان ڏئي نـــہ لهي.
(شاهہ صاحب)

محترم غلام حسين سومره جي پاران هڪ ليٽر پهتو تہ آءٌ باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي جي سوانح حيات تي ڪجهہ لکان، ڇو تہ مرحوم جتوئي صاحب ١٩٤٤ع ۾ جيئن نوڪري ڇڏي. غريب عوام هارين جي خدمت ڪرڻ لاءِ قدم رکيو تيئن پهرين پهرين منزل ۾ مـون نـاچيز سان سندس ملاقـات ٿـي. ۽ منهنجي ساڻس رفاقت متواتـر غـالباً ٦ سال رهـي، انهيءَ عرصي ۾ مان ڪيترين ئي نصيحتون پرايون ۽ سندس صحبت جو مون تي هر پهلوءَ کان ڪافي اثر ٿيو سندس مستقل مزاجي، راست گوئي ۽ انسان دوستي جو ڪافي اثر ٿيو ان لاءِ جي آءٌ لکان تہ تمام هڪ دفتر تيار ٿي سگهي ٿو، ان لاءِ فقط چند مثال پيش رکان ٿو.

* باڊه شهر *

هڪ دفعي مون کي جتوئي صاحب جـو پيغام مليو تہ واره شهر ۾ حڪيم دين محمد جي اسپتال ۾ مون سان مل، آءٌ جـڏهـن جتوئي صاحب سان مليس، ان سان گڏ مولوي عزيز الله جروار شهداد ڪوٽي ساڻ هو هڪ موٽر ڪار، هاري حقدار جي جهنڊن سان سينگاريل هئي، جتوئي صاحب فرمايو تہ اج شام جو بـاڊه اسٽيشن تـي هڪ ملهن جـو وڏو جلسو آهـي ۽ ان ۾ وڏيـرو کهڙو ۽ قـاضـي فضل الله بـہ ايندا اتـي اسان بہ پنهنجي پارٽيءَ جو پروگرام پيش ڪنداسون ڏاڍو مزو ٿيندو جو وڏيرا بہ اتي موجود آهن ۽ ان سان گڏ هزارن جي تعداد ۾ هـاري ۽ مـزدور هوندا گويا هڪ چڱـي ڪانفرنس آهي، هائو تہ ڪري وينس پـر دل کي ڏکئي ورتو لاچار ڪاربڊ سان ساڻ ٿـي ٥ بجہ شام جو باڊه اسٽيشن لڳ هڪ وڏي مشين جي دروازي تي پهتاسون، سڄ لهڻ جي قريب هو مشين جي دروازي تي موٽرن جـون قطارون ڏسي اسان هاري حقدار جـا فلڪ شگاف نعرا باند ڪيا، اسان سان گڏ اتان جي غريب هارين بہ نعرا وڏي زور شور سان هڻڻ شروع ڪيا، نعرن سان سڄو آسمان گونججي ويو. اسان جڏهن موٽر تان لهي ملاکڙي ۾ داخل ٿياسون تہ ملاکڙي بند ٿيڻ جو نغارو وڳو اسان جـي نعرن جـو آواز کهڙي ۽ قاضي صاحب جي ڪنن تي پيو. تڏهن ڏاڍي ڪاوڙ وچان ٻاهر نڪرندي بد شد لفظ استعمال ڪندي اچي موٽرن تي سوار ٿيا، هنن جي موٽرن جو رخ پراڻي باڊه ڏانهن هيو ڇـو تـہ انهن جي جلسي جو پروگرام انهيءَ هنڌ رٿيل هو. اسان کي بہ ڪنيو ڪٿيءَ، چڙهي موٽر تي پياسين پٺيان نعرن جو تصادم هن ريت هو. وڏيرن جي طرفان نعرو لڳو: ڪانگريس جا ٽٽون برباد ۽ لينن جا پوڄاري برباد.

اسانجا نعرا بلند ٿيا: ظالم وڏيرا برباد، سرمايداري برباد، هاري زنده باد. حيدر بخش جتوئي زنده باد. کهڙو قاضي مرده باد.

ماڻهن کي لڳو مزو سو ڪاهي پيا پٺيان، ڪي اسان جي فائدي ۾ نعرا هڻڻ لڳا تـہ ڪي وڏيرن جا چمچا وڏيرن جي فائدي ۾ نعرا هڻڻ لڳا. وڏيري کهڙه جڏهن اهو محسوس ڪيو تہ اسان جو جلسو شايد ڪامياب نـہ وڃـي تنهنڪري رائيس ڪئنال جي وچ پل تي وڏيره غلام عمر انڙ کي موٽر سوڌو ڇڏي پاڻ ڀڄي ويا پراڻي باڊه. جڏهين اسان موٽر روڪي لٿاسون تہ اڳيان پويان پيادل ماڻهو گڏجي ويـا تـڏهين چڱي ڪانفرنس جـو منظر ٻڌجي پيو. وڏيـره غلام عمر ۽ مـرحوم محمد اسماعيل قـريشي



www.sindhsalamat.com

۵۰–۱۰۰ کن غندن سان پٿرن جي برسات شروع ڪري ڏني. اسانجا ڪامريڊ هجوم ۾ ڇڙوڇڙ ٿيا. منهن جي جڏهين مولوي محمد اسماعيل ۽ مولوي عزيزالله جروار تي نظر پيئي تڏهين ٻنهي جا هڪ ٻئي ۾ هٿ هئا. مولوي محمد اسماعيل چئي رهيو هو ته چؤ ڪانگريس جا ٽٽون برباد. مولوي عزيز الله جو آواز هو ته چؤ ظالم وڏيرا برباد. مونکي ته پٿرن ۽ موچڙن اهڙو پريشان ڪيو جو مون کي ڪابه خبر ڪانه پئي پوي. مگر اهو خيال ٿي رهيو ته اسانجو محبوب رهنما مسٽر حيدر بخش جتوئي شل نه زخمجي پوي. جان ڪٿي نهاربان ته مانجهي مرد ڪار جي بانيٽ تي هارين کي خطاب ڪري رهيو آهي. سندس تقرير جا ڪجهه ٽڪر مونکي ياد آهن جي عرض رکان ٿو:

اي هاري ڀائرو! اڄ جڏهين ڊپٽي ڪليڪٽر هوس تڏهين بزدل وڏيرا جيڪي منهنجي سامهون ٻيٺل آهن اهي منهنجي دوستي جو دم ڀريندا هئا ۽ ماڻهن کي فخر سان چوندا هئا ته جتوئي صاحب اسانجو دوست آهي. جڏهين جڏهين حيدرآباد ايندا هئا ته مون وٽ اچي خوشامد جا ڍڪ ڀريندا هئا مگر جڏهين اڄ اوهان جي خدمت ڪرڻ لاءِ پنهنجي عهدي کي قربان ڪري سڄي عمر وقف ڪري ميدان ۾ آيو آهيان ته هي وڏيرا سمجهن ٿا اسان جا ناجائز ظلم ۽ ستم ختم ٿيندا ته هي بدحواس ٿي منهنجا دشمن ٿي بيٺا آهن. اي هاريو اي سائيو، سمجهو ته توهان جا دشمن ڪير ٿي سگهن ٿا ۽ سڄڻ ڪير ٿي سگهندا. جتوئي صاحب جي انهن چند لفظن اهو اثر پيدا ڪيو جو جيڪي جنگ لاءِ پٿر وسائي رهيا هئا سي يڪدم خاموش ٿي ويا ۽ پريشانيءَ سان هڪ ٻئي کي ڏسڻ لڳا اها هار ڏسندي مولوي محمد اسماعيل صاحب ۽ سندن سائين اسان جي موٽر جو رخ هٿن سان ڦيرائي رائيس ڪئنال جي ٽاپ ڏي ڪيو. مون کي تعجب لڳو جو اها تقرير ايڏي گمسان، لڙائي ۾ مشڪندي ڪري رهيو هو ۽ هن کي ڪابه فڪرات منهن ۾ ڪانه هئي آخر مون ڪامريڊ کي هلندي ڪار مان بانيٽ تان وٺي لاهي موٽر ۾ ويهاريو ۽ ڊرائيور کي زور سان سڏڻ لڳس. منهنجي سڏ تي مولوي عزيز الله ۽ ڊرائيور وار چنڊيندين اچڻ لڳا اسان سڀئي سوار ٿي لاڙڪاڻي راهي ٿياسون. واٽ تي اسان جي انهيءَ حالت تي جتوئي صاحب مشڪندو رهيو ۽ پڇي نپري ۽ چوڻ لڳو ته سائيو فڪر نه ڪريو فتح حق جي آهي انهيءَ تي اڄ ڏاڍو چڙيس ته واه فتح حال ته ڪاڏاسون موچڙا! جڏهين وڃي فتح ٿئي. انهي تي مشڪندي وري تقرير شروع ڪئي ۽ فرمايائين ته اي هم رفيقو اها اوهان کي خبر آهي ته هي موچرا ۽ مصيبتون اوهان جي تواريخ ۾ سونهري اکرن سان لکيون وينديون جڏهين اوهان هڪ عظيم انقلاب آڻڻ گهرو ٿا تن ۾ اهي تڪليفون کهڙيون آهن ۽ اسان ته پنهنجي جان ترري تي رکي ميدان ۾ گهڙي پيا آهيون قوم ۽ ملڪ لاءِ جيڪڏهين مال جان قربان ٿئي ته پرواه نه آهي.

## لالو رائنڪ

اسان دستور موجب ٻهراڙي جي شهرن ۾ هاري پروگرام ڪٿي گهمندا رهندا هئاسون هڪ ڏينهن پروگرام لالو رائنڪ ٻڌوسون.

جتوئي صاحب جي پروگرام جي خبر هارين نارين کي جڏهين پئي ۽ لالو ۾ اچڻ لڳا، اسان صبوح جي ٽائيم واره هاري آفيس کان نڪري لالورائنڪ جي ٻاهران پهتاسون ته واٽ تي هڪ سيد پير علي گوهر شاه رستي تي بيٺو هو. موٽر جهلي جتوئي صاحب ۽ اسان لهي علي گوهر شاه صاحب کان پڇا ڪئي ته قبلا اوهان اتي ڇو بيٺا آهيو چوڻ لڳو ته توهان ڪافر آهين تنهنڪري توهان اسان جي ڳوٺ نه اچ اتي مشڪندي جتوئي صاحب چيو ته مان ڪيئن ڪافر آهيان پلائي ڪري مون کي ته سمجهاءِ چوڻ لڳو ته روسي انقلاب آڻڻ گهرين ٿو تنهنڪري توکي اسان جي ڳوٺ ۾ ڪوبه حق گهڙڻ جو ڪونه آهي آخر اسان پير صاحب کي ٽيلها ڏيئي پاسي ڪري شهر ۾ ڪاهي پياسون ۽ مختلف هارين نارين سان پنهنجو پروگرام پيش ڪندا رهياسون شاه صاحب شهر جا غنڊا وٺي اسان جي پويان هلندو رهيو ۽ جتوئي صاحب پنهنجو پروگرام ٻڌائيندو رهيو.

## – موندر لاڪا –

موندر لاڪا واره تعلقي ۾ هڪ چڱو شهر



www.sindhsalamat.com

آهي اتان جي هارين ۾ سياسي شعور رکندڙن نوجوانن جي دعوت تي جتوئي صاحب سان گڏ وڃڻ ٿيو. جڏهين اها خبر تعلقي واره جي وڏيرن کي پهتي تڏهن ان ڏينهن غالباً سڄي تعلقي جا وڏيرا موندر لاکي ۾ اچي ڪٺا ٿيا. هن ارادي سان ته هارين جي ڪانفرنس کي ناڪامياب بنايون. مگر انهن جي ڪوشش جو ڪوبه اثر ڪونه ٿيو، جتوئي صاحب کي جڏهن ٻڌايو ويو ته سرائي صاحب خان لاکي جي اوطاق ۾ تعلقي جا وڏيرا اوهان جي خلاف وڙهڻ جون سازشون سٽي رهيا آهن تڏهن مونکي چوڻ لڳو ته ڪيئن مولوي صاحب؟ وڏيرن سان ملاقات ڪريون؟ مون جواب ڏنو ته ضرور ملاقات ڪنداسون. اسان جڏهين اوطاق تي پهتاسون تڏهين ڇا ڏسون ته سڄي اوطاق وڏيرن سان سينگاريل آهي. جتوئي صاحب ايندي شرط پنهنجي تقرير جاري رکي، وڏيرن تي جتوئي صاحب جي دليرانه تقرير جادوءَ جو اثر ڪيو. جواب ۾ رڳو بدڪلامي هئي ۽ گارين گند سان پنهنجو جوش ڍرو ڪيائون ۽ هي فولادي جسم پنهنجي تقرير پوري ڪري واپس واره پهتاسون.

١٩٤٨ع تائين واره ۽ ڏوڪري تعلقي ۾ اهڙو ڪوبه شهر ڪونه رهيو جتي آءٌ جتوئي صاحب سان ڏک سک ۾ گڏ نه هوس. آخر ١٩٤٩ع ۾ پنهنجي مالي حالت ڪمزور ڏسي. تحريڪ کي ڇڏي قوم جي سچي خدمت ڪرڻ لاءِ تعليم کاتي ۾ نوڪري ورتم، پنهنجي قومي جذبي ماتحت قوم جي ٻچن کي تعليم ڏيندو رهانئو، اها اميد اٿم ته آءٌ هڪ سچو استاد ٿي رهندس ۽ استاد ٿي مرندس.

ڪٿا منجهه قرار هٿا هيڪاندا سنگ ۾
ڳاهي ڳاه فراق جي ڪيا ڏارون ڏار
نه ڇاٿان پيهار ڪير ملندو ڪنهن کي.
(شاهه)

الله جو رستو وڏي مشڪل ۾ ڏٺم،
مسجد ۾ تڪاڻي ۾، نه ديول ۾ ڏٺم،
هت بحث ۽ منطق جو نه ڪجهه آهي ضرور،
مولا کي ڏٺم جي ته سچيءَ دل ۾ ڏٺم،

.... .... ....

تنهنجو انجام نه آ، تنهنجو ڪو آغاز نه آ،
توکي گهر ٻار نه آ، ساز نه آ، ناز نه آ.
تنهنجو ڪو خويش نه آ، تنهنجو ڪو دمساز نه آ،
تنهنجو رنگ نه آ، تنهنجو ڪڇ آواز نه آ.
تنهنجي ماڻهن سان محبت آهي، مذهب منهنجو،
تن جي تفريح ۽ خدمت آهي، مطلب منهنجو.
جهڙو ٿي آهيان، تهڙو ٿي مان تنهنجو الله!
ڪنهن نه ’حيدر‘ کي جهان ۾ ڪيو پنهنجو وَ الله!

—’حيدر‘ جتوئي



www.sindhsalamat.com

اپريل ١٩٥٠ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس ڪراچيءَ ۾ ٿي رهيو هو. اُن وقت سنڌ جو وڏو وزير مسٽر يوسف هارون هو. جيڪو ته هو زميندار نه هو. تنهن ڪري هن هارين سان همدردي ڏيکاري، بابائي سنڌ، سنڌ جي هارين ۽ هاري ورڪرن کي ٣- اپريل ١٩٥٠ع تي هڪدم ڪراچيءَ پهچڻ جو حڪم ڏنو. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هزارن جي تعداد ۾ هاري ۽ هاري ورڪر ڪراچي پهچي ويا. ۽ پروگرام مطابق سنڌ اسيمبليءَ جو جيڪو اجلاس بندر روڊ واري بلڊنگ ۾ ٿي رهيو هو. انهيءَ بلڊنگ تي گهيراءُ ڪيو. ۽ کهڙي جو جنازو تيار ڪري عمارت کي چوڌاري پيئي ڦيرايو، هارين اسيمبلي بلڊنگ کي اهڙو مضبوط گهيراءُ ڪيو جو ڪنهن به وزير خواه ميمبر جو نڪرڻ مشڪل ٿي پيو.

”هاري حقدار“ جي نعرن اسيمبليءَ جي ڪارروائي هلائڻ ناممڪن بڻائي ڇڏي. حڪومت طرفان فوج ۽ پوليس گهرائي ويئي. مگر هاري رهنمائن ۽ هارين تي ڪو به اثر نه ٿيو. آخر حڪومت بابائي سنڌ ۽ ٻين ورڪرن سان اسيمبليءَ ۾ ڳالهيون ڪيون ۽ ”سنڌ ٽيننسي ائڪٽ“ پاس ڪيو. حالانڪ انهيءَ ائڪٽ ۾ هارين جو ڪو وڏو بچاءُ نه ڪيو ويو، مگر ائڪٽ ۾ هارين جي حقن جي تحفظ لاءِ به گهٽائي قانون موجود آهن، انهيءَ کان سواءِ سنڌ لاءِ ٻي جيڪا به جدوجهد ڪئي ويئي آهي. اُها مختصر هن ريت آهي.

## ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ

پاڪستان جي اُن وقت جي حاڪمن ڪراچي کي سنڌ کان جدا ڪري پاڪستان جي گادي بڻائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ۽ آخر ڪراچي سنڌ کان جدا ڪئي ويئي. مگر سنڌ مان ڪنهن به انهيءَ خلاف آواز نه اٿاريو. بابائي سنڌ انهيءَ مسئلي تي احتجاج ڪيو. ٣١- مئي ١٩٤٨ع ۾ رتو ديرو (ضلع لاڙڪاڻو) ۾ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو اسپيشل اجلاس سڏايو جنهن ۾ هيٺان تاريخي ٺهراءَ بحال ڪري حڪومت پاڪستان کي موڪليا ويا.

### ٺهراءُ پهريون

سنڌ جا باشندا هاڻي هن يقين تي پهتا آهن ته ڪراچيءَ جي سوال لاءِ صرف ٻه رستا آهن. يا ته ڪراچي سنڌ کي واپس ملي يا ته پاڪستان پنهنجي دارالحڪومت ڪنهن ٻئي پاسي کڻي وڃي.

### ٺهراءُ ٻيو

هي اجلاس زوردار لفظن ۾ هن راءِ جو آهي ته جيڪڏهن حڪومت پاڪستان کي مضبوط ۽ پڪي حڪومت بنائڻي آهي، ته ان لاءِ رستو فقط اهو آهي، ته هرهڪ علائقي کي رضامندي ۽ نيڪنيتيءَ ۽ تعاون جي بنيادن تي ڳنڍيو وڃي. پاڪستان حڪومت، جا آل انڊيا مسلم ليگ جي لاهور ريزيوليشن ١٩٤٠ جي بنياد تي حاصل ڪئي ويئي هئي. ۽ جنهن موجب هن علائقي کي خودمختياريءَ ۽ حڪومت جو حق آهي. اُن موجب پاڪستان هڪ فيڊرل بنياد تي هلي سگهي ٿو.

سنڌي، پنجابي، بنگالي، بلوچ، پٺاڻ اِهي، بين الاقوامي قانون ۽ سياست موجب خاص قوميتون آهن. هرهڪ کي پنهنجو وطن زبان، ادب، تاريخ، تمدن ۽ روايات آهن. ۽ هرهڪ کي علحدا سياسي، معاشي، اقتصادي مسئلا، خواهشون ۽ جذبات آهن. هرهڪ علائقي کي حق آهي ته اُن جو حق ”خوداراديت“ آئين پاڪستان ۾ شامل ڪيو وڃي.

### ٺهراءُ ٽيون

هي اجلاس تقاضا ٿو ڪري ته جلد ۾ جلد هر عاقل ۽ بالغ مرد ۽ عورت کي ووٽ جي حق جي بنياد تي پاڪستان لاءِ هڪ جمهوري آئين تيار ڪيو وڃي. جنهن موجب ١٨ سالن جي بالغ کي ووٽ جو حق هجي ۽ تمام حڪومت ۽ قاعدي سازيءَ جي واڳ عوام جي هٿ ۾ رهي.

بابائي سنڌ ١٣ ڊسمبر ١٩٥٣ع تي ٽنڊوڄام ۾ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي ساليانه اجلاس ۾ پاڪستان اسيمبليءَ طرفان پاس ڪيل آئين خلاف احتجاج ڪيو ۽ هيٺيون ٺهراءُ پاس ڪيو ويو.

### ٺهراءُ

هي اجلاس موجوده غير نمائنده دستور ساز



www.sindhsalamat.com

اسيمبلي جي پاس ڪيل آئين، ڪڏهن به سنڌين ۽ پاڪستانين لاءِ قابل قبول نه آهي.

اسلامي لفظن جي پردي ۾ اهڙو دستوري خاڪو ناهيو ويو آهي جو ڊڪٽيٽر شاهي، عوام دشمنيءَ سان ڀريو پيو آهي. جنهن جو مقصد فقط اهو آهي ته، موجوده حڪمران جن هن کي وجود ۾ آندو آهي. اُهي هميشه انهيءَ اقتدار تي قائم هجن. سنڌ ۽ پاڪستان جو عوام انهيءَ آئين کي هرگز قبول نه ڪندو.

## هڪ يونٽ خلاف جدوجهد

سنڌ ۽ ٻين صوبن جي علائقائي خودمختياري کي ختم ڪري هڪ يونٽ ٺاهڻ واريءَ سازش کان بابائي سنڌ بروقت خبردار رهيو. سنڌ هاري ڪاميٽي جي ڪيترن اجلاسن ۾ انهي سازش خلاف ٺهراءَ پاس ڪرايا. ۽ جڏهين ڏنڊي جي زور تي گورنر جنرل غلام محمد "ون يونٽ" جو بل پاس ڪرايو، تنهن وقت کان وٺي بابائي سنڌ آرام سان ننڊ نه ڪئي ۽ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو اجلاس سڏائي "اُهو تاريخي اعلان ڪيو ته جيستائين ون يونٽ جو خاتمو نه ايندو تيستائين آرام نه ڪبو." هڪ طرف هاري ورڪرن کي حڪم ڏنائون ته ون يونٽ خلاف سنڌ ۾ جلسن، جلوسن جو سلسلو جاري رکيو وڃي ۽ ٻئي طرف پمفليٽ لکي دنيا وارن کي ڏيکاريو وڃي ته سنڌ سان هي ناحق ڪيو ويو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ بابائي سنڌ ون يونٽ خلاف ڪيترائي انگريزيءَ ۾ پمفليٽ لکيا. جنهن ۾ ڪيترا ڀيرا جيل ۾ بند ڪيو ويو. ۽ ٻئي پاسي جڏهن ون يونٽ خلاف نعرو هڻڻ ڏوهه سمجهيو ويندو هو. اهڙي ڪٺن وقت ۾ سنڌ جي هاري ورڪرن ڳوٺ ڳوٺ ۾ جلسا جلوس ڪيڍي ون يونٽ خلاف آواز بلند ڪيو. آخر بابائي سنڌ، پنهنجي حياتيءَ ۾ ون يونٽ جو خاتمو ڏٺو ۽ پوءِ اسان کان موڪلايو.

ون يونٽ جي سلسلي ۾ سنڌي هاري ڪاميٽيءَ طرفان بابائي سنڌ جي صدارت هيٺ ١١ نومبر ١٩٥٤ع تي حيدرآباد ۾ ٿيل اجلاس ۾ هيٺيان ٺهراءَ پاس ڪيا ويا.

## ٺهراءُ پهريون

هي اجلاس هن راءِ جو آهي ته سنڌ، بلوچستان، ۽ فرنٽيئر علائقن کي ويسٽ پاڪستان جي هڪ يونٽ ۾ ناهڻ جو تحرڪ پنجاب جي سرمائيدارن ۽ عملدارن طرفان هلايل آهي. ته جيئن ننڍن صوبن جي وسائل، زمين، تجارت ۽ نوڪرين تي قبضو ڪيو وڃي.

هيءَ تحريڪ بلڪل ناجائز ۽ نامناسب آهي جنهن ذريعي پنجاب جي عوام ۽ سنڌ جي عوام ۾ نفرت ۽ عام طرح پاڪستان ۾ اندروني خانه جنگي جو باعث ٿيندو. جنهن مان خطرناڪ نتيجا لازمي آهن.

سنڌ هزارين سالن کان هڪ خاص تهذيب، زبان ۽ روايتن جي مالڪ آهي. اُن کي پاڪستان ۽ اسلام جي نالي ۾ مٽائڻ ناممڪن ۽ ظالمانه ڪارروائي ٿيندي. اهڙي ناپاڪ تحريڪ کي سنڌ جو عوام ڪڏهين به قبول نه ڪندو. هيءَ اجلاس مسٽر غلام محمد گورنر جنرل کي اپيل ٿو ڪري ته هن معاملي کي وڌيڪ ڇڪتاڻ کان سواءِ ختم ڪري پاڪستان تي مهرباني ڪري.

## ٺهراءُ ٻيو

هيءَ ڪائونسل جو اجلاس سنڌ اسيمبليءَ جي اُنهن ميمبرن تي اظهار ناراضگي ٿو ڪري. جو اُنهن بندوق جي چانوَ ۾ پوليس ۽ ملٽري کان هيسجي ڪيو آهي. ۽ اهو ڪيل فيصلو عوام جو فيصلو نه آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌ اسيمبليءَ جي ووٽرن انهن ميمبرن کي ووٽ ڏنا هئا. تڏهين انهن جي اڳيان ون يونٽ جو سوال ئي ڪونه هو. تنهن کان سواءِ اهو فيصلو ١٩٤٠ جي لاهور واري تاريخي ٺهراءَ جي قطعي خلاف آهي.

بابائي سنڌ، پاڪستان کانپوءِ سنڌ جي عوام مٿان جيڪي به ظلم، زبردستيون، ناانصافيون ٿينديون رهيون. انهن خلاف قلم کنيو. ڪافي محنت ۽ خرچ ڪري، سنڌ جي سيني مسئلن تي انگريزي ۾ پمفليٽ لکيا جن اُن رقت جي حڪومت اندر هڪ قسم جو وڏو ٿرٿلو مچائي ڇڏيو، دوست، دشمن سڀ داد



www.sindhsalamat.com

ڏيڻ لڳا. مان انهن سڀني پمفليٽن جو مختصر ۾ اختصار هيٺ پيش ڪريان ٿو.

## ڊيموڪريسي آر ڊڪٽيٽرشپ ان پاڪستان

جلد پهريون تاريخ اشاعت ڪراچي ٧- آگسٽ ١٩٥٥ع
صفحه ٢١

مٿيئن نالي وارو پمفليٽ، بابائي سنڌ اُن وقت ڇاپائي ڪيو جنهن وقت پاڪستان سخت سياسي مونجهاري ۾ مبتلا هو.

جمهوريت کي ڪچلڻ لاءِ آمرانه قوتون زور آزما هيون. ۽ عام ماڻهن جي جائز حقن جي پوئواري ڪرڻ وارو ڪو ورلي هو.

انهيءَ پمفليٽ ۾ جمهوريت ۽ آمريت جي چڱاين ۽ اوڻاين بابت تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. هن پمفليٽ لکڻ جو وڏو سبب اهو هو ته انوقت عوام کي پيش ايندڙ مشڪلات ۽ جمهوريت کي ڪامياب ٿيڻ کان روڪيندڙ طاقتن جو مقابلو ڪيو وڃي. انهيءَ پمفليٽ ۾ جمهوريت ۽ آمريت جا سڀ پهلو ظاهر ڪري ڏيکاريل آهن. اهو ثابت ڪري ڏيکاريل آهي ته جمهوريت جي ڪري ملڪ ۾ ترقي ۽ خوشحالي اچي سگهي ٿي. ان پمفليٽ ۾ اولهه پاڪستان جي سڀني صوبن کي زوريءَ ملائي "ون يونٽ" بنائڻ واري منصوبي جو تفصيلي ذڪر ڪيل آهي. پمفليٽ جي آخر ۾ انهيءَ گڏيل بيان جو متن پڻ ڏنو ويو آهي، جيڪو ٢٨ جولاءِ ١٩٥٥ع تي محترم شيخ عبدالمجيد سنڌي بابائي سنڌ حيدر بخش جتوئي، ۽ محمد محمود عوامي ليگي جي صحين سان جاري ڪيو ويو هو. جنهن ۾ اُن وقت جي سنڌ جي وڏي وزير محمد ايوب کهڙي جي ڪرتوتن جو تفصيل سان ذڪر ڪيل آهي.

## ڊيمو ڪريسي آر ڊڪٽيٽر شپ اِن پاڪستان

جلد ٻيو، تاريخ اشاعت ڪراچي ٢٢- اگسٽ ١٩٥٥ع
صفحه ٢٤

بابائي سنڌ، اهو مٿيون پمفليٽ سنڌ مٿان ون يونٽ جي عذاب مڙهڻ جي خلاف، اعلان جهاد طور لکيو. ان پمفليٽ ۾ ون يونٽ بل جو تفصيلي جائزو ورتو ويو آهي. گورنر جنرل غلام محمد طرفان ٢٤- آڪٽوبر ١٩٥٤ع تي آئين ساز اسيمبليءَ کي ٽوڙڻ واري قدم جو تجزيو پڻ ورتو ويو آهي. پمفليٽ ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته سنڌ هر لحاظ کان پنهنجي پيرن تي بيهي سگهڻ جي لائق آهي. انهيءَ جي ايراضي ۽ آبادي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن کان وڌيڪ آهي. پمفليٽ جي آخر ۾ ون يونٽ مان سنڌ ۽ ٻين صوبن کي پهچندڙ نقصان جو تفصيلي جائزو ورتو ويو آهي ۽ اُن وقت جي آمرانه حڪمرانن کي چيو ويو آهي ته انصاف ۽ جمهوريت خاطر ون يونٽ جهڙي غلط منصوبي کي عمل هيٺ نه آڻيو.

## ڊيمو ڪريسي آر ڊڪٽيٽرشپ اِن پاڪستان

جلد ٽيون تاريخ اشاعت ڪراچي ١٠ سيپٽمبر ١٩٥٥ع
صفحه ٢٨

مٿيئن نالي واري پمفليٽ ۾ بابائي سنڌ، ون يونٽ واري بل تي ممتاز محمد دولتانه طرفان پيش ڪيل تقريرن ۽ دلائل جو نقطه به نقطه جواب ڏنو آهي ۽ مسٽر دولتانه جي لغو دليلن کي نهايت منصفانه طريقي تي غلط ثابت ڪري ڏيکاريو آهي.

انهيءَ پمفليٽ ۾ محمد ايوب کهڙي جي پير علي محمد راشدي جي ون يونٽ جي تائيد ۽ پٺڀرائي ڪرڻ کي سخت اکرن ۾ نِنديو آهي. ۽ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ويو آهي ته هو پنهنجي ذاتي مفاد خاطر سنڌ کي هر وقت قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهن.

## ڊيموڪريسي اينڊ جسٽس آف دي چيف جسٽس

تاريخ اشاعت ڪراچي ٢٥ ڊسمبر ١٩٥٦ع
صفحه ٢٤

مٿئين نالي وارو پمفليٽ بابائي سنڌ، پاڪستان فيڊرل ڪورٽ جي چيف جسٽس مسٽر محمد منير جي انهيءَ تاريخي فيصلي جي خلاف لکيو هو. جنهن مطابق جسٽس منير ان وقت جي گورنر جنرل غلام محمد جي طرفان پاڪستان ۾ جمهوريت جي خاتمي لاءِ مختلف قدم کنيا هئا ۽ جنهن جي پٺڀرائي



www.sindhsalamat.com

بل کي قانوني شڪل ڏني.

بابائي سنڌ اهو صحين ڪيل بل قومي اسيمبلي جي سيڪريٽريءَ کي ڏياري موڪليو. انهيءَ بل ۾ سيڪريٽري کي لکيو ويو هو تہ ايندڙ قومي اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ هي بل ايجنڊا تي رکيو وڃي.

بابائي سنڌ، انهيءَ بل جو پمفليٽ ڇپايو جنهن ۾ قومي اسيمبليءَ جي ميمبرن جي صحين جي فوٽو ڪاپيءَ سان گڏ. اجلاس ۾ بيا جيڪي عوامي رهنما گڏ ٿيا هئا. انهن جي صحين جي فوٽو ڪاپي بہ شامل ڪيل آهي، قومي اسيمبلي جي سيڪريٽري ”ون يونٽ“ خلاف موڪليل بل قومي اسيمبلي جي اجلاس جي ايجنڊا تي رکيو. مگر جلد ئي صدر يحيٰ خان ”ون يونٽ“ جي خاتمي جو اعلان ڪري ڇڏيو.

## سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو تاريخي پڌرنامون

حيدرآباد ۱۲ نومبر ۱۹٦۷ع

صدر ايوب جي آمرانہ حڪومت سال ۱۹۵۸ع ۾ پاڪستان جي سڀني سياسي جماعتن سان گڏ سنڌ هاري ڪاميٽي تي پڻ مارشل لا هيٺ بندش وڌي. بابائي سنڌ ۽ ڪيترن هاري ورڪرن کي گرفتار ڪري جيل ۾ بند رکيو. ۽ سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي آفيس ۽ سنڌ ۾ ٻين سڀني هاري آفيسن کي سيل مهر ڪري ڇڏيو.

جڏهين سڀني سياسي جماعتن سان گڏ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ تان بندش لاٿي ويئي. تڏهين بابائي سنڌ، سنڌ جي هارين، دانشورن، هاري ورڪرن کي حيدرآباد ۾ ۱۲ نومبر ۱۹٦۷ع تي اچڻ جو سڏ ڏنو.

بابائي سنڌ جي انهي سڏ ”ون يونٽ“ حڪومت کي ڏڪائي ڇڏيو، هر طرحين جو ڪوششون ڪيون ويون تہ اهو ٿيندڙ ڪنوينشن ڪامياب نہ ٿئي. پرمٽ ڏيڻ کان بہ نٽايو پئي ويو. بابائي سنڌ ۽ سندس رفيق، ڪنوينشن کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ پنهنجو تحرڪ جاري رکيو.

۱۲ نومبر ۱۹٦۷ جو ڏينهن حيدآباد جي تاريخ ۾ وڏو يادگار ڏينهن رهندو. سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ مان هزاري هاري ۽ عوامي ڪارڪن ڪنوينشن ۾ اچي شريڪ ٿيا. ڪنوينشن جو اجلاس نواب زاهد علي خان جي بنگلي اڳيان واري ميدان تي شاندار پنڊال ۾ شروع ڪيو ويو.

حيدرآباد جا رستا سنڌ جي مارون، جهانگيرن جي روايتي سنڌي لباس اچو پٽڪو، اجرڪ، شلوار سان ٽمٽار نظر اچي رهيا هئا. هيترن اٿاه هارين جي حيدرآباد ۾ اچڻ، شهر ۾ ٽرٽلو پيدا ڪري ڇڏيو. ويتر جو سڀني هارين ۽ ڪارڪن جي سيني تي ”هاري حقدار“ ۽ ”جيئي سنڌ“ جا بئجز لڳل هئا. انهن شهرين کي منجهائي وڌو تہ هيءَ وري ڪهڙي مصيبت اچي شهر تي نازل ٿي آهي. سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي صدر جي حيثيت ۾ بابائي سنڌ هن عظيم الشان اجلاس جي صدارت ڪئي. ۽ انهيءَ تاريخي اجتماع ۾ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ طرفان هيٺيون پڌرنامون پڙهيو، اهو ڪنويشن ۾ بحال ڪيو ويو جيڪو هن ريت آهي.

# پڌرنامو

## بنيادي حقوق

* حڪومت جو نظام جمهوري اصولن تي هلايو وڃي ۽ آمريت جي هر اثر کي ختم ڪيو وڃي. انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ:-
* قومي اسيمبلي جا ۽ علاقائي اسيمبلين جا نمائندا ۽ صدر مملڪت، سڌيءَ طرح ۽ عام بالغ راءِ جي بنياد تي چونڊيا وڃن.
* عوام جي نمائندن مان ئي وزراتون ناهيون وڃن ۽ حڪومت جي تمام طاقت ۽ فيصلا (بجيٽ جي اختيارن سميت) انهن جي هٿ ۾ هجن.
* ”ون يونٽ کي“ ٽوڙي سنڌ (بمع ڪراچي) بلوچستان. سرحد ۽ پنجاب جي صوبائي حيثيت کي وري قائم ڪيو وڃي. ڪشمير لاءِ بہ اهوئي وعدو ڏنو وڃي ۽ پورو ڪيو وڃي.



www.sindhsalamat.com

## سرڪاري زمينن جو نيڪال

* سڀ سرڪاري زمينون بي زمين هارين کي مقرر ۽ مناسب مالڪاڻي سان آسان قسطن تي ۽ بنا وياج جي ڏنيون وڃن. انهن زمينن جو عام نيلام قطعي بند ڪيو وڃي.
* سکر براج، ڪوٽڙي براج ۽ گدو براج جي زمينن تي مهاڳيدارن، خاص موڪل جي حقن وارن، نوبت ضبط، دريا خوردي وارن جا حق سختيءَ سان محفوظ رکيا وڃن ۽ اهي زمينون نيلام نه ڪيون وڃن.
* مکي ڏيڍ جون زمينون مقامي هارين کي ڏنيون وڃن، ۽ انهن کي ڪنهن به حالت ۾ بي دخل نه ڪيو وڃي، جن هارين کان زمينون کسيون ويون آهن انهن کي واپس ڏنيون وڃن.
* عمديون زمينون عملدارن کي ۽ نيلام رستي ۽ مختلف اسڪيمن جي نموني ۽ بهاني سان سرمائيدارن کي ڏنيون وڃن ٿيون ۽ ساديون بڇيل زمينون هارين کي آڇيون وڃن ٿيون، اها غلط پاليسي آهي. پهرين حق عمدين زمينن تي مڪاني هارين جو تسليم ڪيو وڃي.
* لاڙ ۽ ڪاري چاڙ ۾ جن ڪاتيدارن جون زمينون ڪوٽڙي براج نڪرڻ سبب آباديءَ کان خارج ٿي ويون آهن انهن ڪاتيدارن کي عيوضي ۾ سنيون آباديءَ لائق زمينون ڏنيون وڃن.

## متروڪ زرعي زمينن جو نيڪال

* جن مقامي ۽ مهاجر الاٽي هارين کان زمينون کسيون ويون آهن انهن کي سرڪاري زمينون ڏيئي ورسايو وڃي، انهن جو حق ٻين هارين کان مٿي رکيو وڃي.
* هينئر ويهن سالن کان پوءِ الاٽي هارين کان زوريءَ "ليس مني" وصول ڪئي وڃي ٿي. جو بلڪل ظلم آهي. گهڻين حالتن ۾ تپيدارن بروقت وصولي ڪئي هئي. ۽ ڪيترن حالتن ۾ مقامي زميندارن ۽ ڪامورن گڏجي هندن جو حصو گڏجي کنيو هو ۽ هارين کي رڳو هارپ نصيب ٿي هئي. ليس مني جي وصولي بند ڪئي وڃي ۽ حساب تان لاهي ڇڏجي.
* باقي بڇيل متروڪ زرعي زمينون مقامي هارين نڌين مهاڳدار ڪاتيدارن کي ٻين سرڪاري زمينن وانگر ڏنيون وڃن.

## زرعي سڌارا

* زرعي سڌارن جو صحيح طريقو اهو هو ته وڏن زميندارن ۽ جاگيردارن کان ورتل زمينون معمولي مالڪاڻي تي مقامي هارين کي ڏنيون وڃن ها. مگر ائين نه ڪيو ويو آهي. ۽ هارين کان تمام ڳرا مالڪاڻا ورتا وڃن ٿا. مثلا چانڊيه جاگير (ضلع لاڙڪاڻو) ۾ خشڪ پوک لاءِ به في ايڪڙ ۴۵۰ رپيه ورتا ويا آهن، حالانڪ ساڳئي قسم جي براج جي سرڪاري زمين في ايڪڙ ۲۰۰ سؤ رپيه مالڪاڻو مقرر آهي. انهن زمينن لاءِ پاڻي به ميسر ڪيو ويو آهي. اهڙي حالت ۾ مالڪاڻو ڏيڻ هارين لاءِ مشڪل ۽ محال مسئلو بڻجي ويو آهي. روينيو عملدار مالڪاڻو ضبطيءَ سان وصول ڪري رهيا آهن. هن لاءِ هيٺيون تجويزون عمل ۾ آنديون وڃن.
* مالڪاڻو گهٽايو وڃي ۽ قسطون نئين سربست ڪيون وڃن. جتي واهن جو پاڻي مهيا نه ڪيو ويو آهي. اُتي قسطون مهلت هيٺ رهن. مالڪاڻي جي وصوليءَ لاءِ ضبطين جي ڪارروائيءَ بند ڪئي وڃي.
* وڏ ۾ وڏ زمينداريءَ جي حد ۱۵۰۰۰ پيداواري يونٽ هئڻ گهرجي.

## ڍلن جي شرح

* زرعي ڍلون انڪم ٽيڪس جي اصولن تي بست ڪيون وڃن. ۽ ڇهه هزار رپيه کان گهٽ سالاني زرعي پيداوار تي ڪابه ڍل نه وجهڻ گهرجي.
* ٦- ايڪڙ ساريال زمين ۽ ۳۲- ايڪڙ خشڪ پوک تي ڍل معاف ڪئي وڃي. انهن ڪاتيدارن کان فقط آبيانو ورتو وڃي جو واهن جي پاڻيءَ جي اصلي خرچ مطابق هجي.
* ڍل ۽ آبياني جو مقدار ڪنهن به صورت ۾ ڪاتيدارن



www.sindhsalamat.com

جي صافي بچت جي چوٿين پتي کان وڌيڪ نه هجي.

## سنڌين لاءِ سرڪاري نوڪريون

* "ون يونٽ" حڪومت ۾ سيني کاتن جي سنڌي عملدارن جي حق تلفي ڪئي وئي آهي. لائق، ايماندار عملدارن کي پڪو ٺٽو ڪيو وڃي انهن جا اضافا روڪيا ويا آهن ۽ اڻ آزمودگار نوجوان عملدار انهن جي مٿان رکيا وڃن ٿا. جن مان گهڻا ٿوري وقت جي نوڪري ۾ ئي رشوت خوريءَ کان مشهور ٿي ويا آهن.
* نيم سرڪاري ادارن ۾ ۾ جنجو تعداد ٿيهارو آهي. ريلوي، واپڊا اي- ڊي، سي، وغيره وغيره انهن ۾ سنڌين جي نمائندگي سنڌ اندر دفترن ۾ به نه جي برابر آهي، حتيٰڪ ڪلارڪن پٽيوالن جون جايون به ٻاهرين ماڻهن سان پريو وڃن ٿيون.
* بورڊ آف روينيو جهڙي اهم اداري ۾ هڪ به سنڌي ميمبر ڪونهي.
* "ون يونٽ" سيڪريٽريٽ ۾ ١٩٥٦ع ۾ اٽڪل ڇهه سؤ سنڌي ڪلارڪ ۽ پٽيوالا هئا، هاڻي انهن جو تعداد هڪ سؤ کان به گهٽجي ويو آهي. نيٺن پرتين ۾ سنڌين لاءِ ڪا به اُميد ڪانهن

## سنڌي زبان

* سنڌي زبان کي سنڌ ۾ سرڪاري زبان ڪري تسليم ڪيو وڃي.
* سنڌ ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ جن شاگردن جي مادري زبان سنڌي ناهي، انهن لاءِ سنڌي زبان کي لازمي ثانوي زبان جو درجو ڏنو وڃي.
* سيني امتحانن ۾ (اعليٰ ملازمتن جي امتحانن سميت) پيپرن جو سنڌي ۾ جواب ڏيڻ تسليم ڪيو وڃي.
* سنڌ اندر سيني عملدارن لاءِ سنڌي سمجهڻ ۽ لکڻ لازمي قرار ڏنو وڃي.

## مزدورن جا حق

* مزدورن جا جي حق بين الاقوامي مزدور اداري تسليم ڪيا آهن. ۽ پاڪستان به اُن اداري جو رڪن آهي. سي حق پاڪستان جي مزدورن کي ڏنا وڃن. مزدورن جي اسٽرائيڪ جو حق تسليم ڪيو وڃي، ۽ انهن جي لاءِ علاج، رهڻ ۽ موڪلن جون سهوليتون مهيا ڪيون وڃن. مزدورن خلاف ڊفينس آف پاڪستان ايڪٽ ۽ رولن جي استعمال سان سرمائيدار طبقي جي طرفداري بند ڪئي وڃي. پاڪستان جي ڪارخانن ۽ ملڪي پيداوار جا حقيقي معمار مزدور ۽ هاري آهن.

## شاگردن جا مسئلا

* يونيورسٽي آرڊيننس ختم ڪري، شاگردن لاءِ گهٽ فين جون سهوليتون مهيا ڪيون وڃن. ۽ انهن کي آهي جمهوري آزاديون ڏنيون وڃن جي آزاد ملڪن جي ڪاليجن ۾ تسليم شده آهن. انهيءَ ۾ ئي هن قوم جي دولت، ايڊنڌ طاقت ۽ آئينده نسلن جي ترقيءَ جو مدار آهي.
* سنڌي شاگردن لاءِ سنڌ اندر زرعي، ميڊيڪل، ۽ انجنيئرنگ ڪاليجن ۽ پاليٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ ۾ داخلائون محدود ڪيون ويون آهن. ۽ سنڌ کان ٻاهر ڪاليجن ۾ سنڌين لاءِ داخلائون قريب قريب بند آهن، سنڌ جهڙي پٺتي پيل علائقي سان هيءُ برتاءُ بي انصافي جي برابر آهي.

## متفرقه انتظامي مسئلا

* رشوت ايترو ته زور وٺي ويئي آهي جو اُن کي گهٽائڻ لاءِ تمام سخت قدمن جي ضرورت آهي، وڏن عملدارن کي رشوت جي ڏوه لاءِ ملڪ نيڪالي يا ڪاري پاڻي قيد جي سزا ڏني وڃي ۽ انهن جون ملڪيتون ضبط ڪيون وڃن.
* اناج جي وڪري لاءِ سرڪاري مارڪيٽ ۾ ڊيپو کوليا وڃن. جيئن هارين ۽ ڪاٽيدارن کي سنئون سڌيون پوريون قيمتون ملن ۽ عوام کي اناج مناسب اگهن تي ملي سگهي.
* عمده ٻج، ڪيميائي ڀاڻ، جديد زرعي اوزارن ۽ ٽريڪٽرن جون سهوليتون هارين ۽ ننڍن ڪاٽيدارن کي تقاوي قرض جي ذريعي ڏنيون وڃن.



www.sindhsalamat.com

* واهن جي ڪاٽين جا ٺيڪا مقامي ڪاٺيدارن کي مقرر اگهن تي ڏنا وڃن. ته جيئن هو پنهنجي فائدي خاطر ڪاٺيون پوري طرح ڪٽائين ۽ پاڻي وڌائين. ٻاهريان ٺيڪدار، عملدارن سان گڏجي گهوٻيون هڻن ٿا ۽ ڪم پورو نٿا ڪن.
* سنڌ ريجمنٽ قائم ڪري سنڌين لاءِ وڏي پيماني تي فوجي تربيت جو انتظام ڪيو وڃي ۽ ملڪ جي بچاءَ ۾ سنڌين کي به موقعو ڏنو وڃي.

## عرض ۽ اعلان

* مٿيان مطالبا نه فقط هارين جا پر قوم جي تمام عوام جي ترجماني ڪن ٿا.
* جيڪڏهين سنڌ جا ماڻهو چاهين ٿا ته هو انهن کي آئيني طريقن سان عملي جامو پهرائي سگهن ٿا.
* انسان ذات انهيءَ مرحلي تي پهتي آهي جو پاڪستان هجي يا امريڪا، ڪٿي به ڪيڏو به جابر حاڪم هجي ته به هو عوام جي آواز ۽ مطالبن کي نظر انداز نه ٿو ڪري سگهي.
* سنڌي هموطنو! هارئيو! مزدورو! ڪاٺيدارو، اديبو، شاعرو، ناجرو، طالب علمو، هيءُ اوهان کي صدائي عام آهي! اچو ته منظم ٿي پنهنجا حق حاصل ڪريون! اهو ڏينهن دور نه آهي جو اسان پنهنجي منزل مقصود تي پهچي ويندا سون.

بابائي سنڌ، پنهنجن ۽ پراون هٿان. سنڌ مٿان ٿيل ظلم ۽ بي انصافي کان متاثر ٿي ڪيترا نظم لکيا ۽ ڇپائي سنڌ جي عوام تائين پهچايا، مان هن ڪتاب ۾ اهي نظم جيڪي هٿ ٿي سگهيا آهن انهن جو مجموعو "ڪلام حيدر" جي نالي سان هٿ پيش ڪريان ٿو، بابائي سنڌ، سياسي ليڊر ۽ اديب، سان گڏ عظيم انقلابي شاعر پڻ هو انهي سلسلي ۾ جناب مولانا غلام محمد گرامي صاحب جن جو بابائي سنڌ جي شاعرانه زندگيءَ تي لکيل تمهيد ۽ تعارف پيش ڪجي ٿو.

## بابائي سنڌ ۽ عظيم انقلابي شاعر

— "شاعري انسانيت جي ضمير جو آواز آهي."

اهو ضمير جو آواز، هميشه بلند رهندو آيو آهي ۽ بلند رهندو ايندو. شاعري انساني تهذيب جي حسن ۽ جمال کي وڌائي ٿي، تخيل جي شمع فروزان، اوندهه ۽ انڌڪار جي دنيا ۾ آب حيات کي گهولي ٿي. شاعري انسان جي دٻيل ۽ گهٽيل جذبات کي اظهار جي قوت ڏيئي ٿي ۽ قوت اظهار کي تلوار آبدار وانگر پاڻي پياري ٿي. شاعري هڪ زخم خورده روح جي آه ۽ فرياد آهي، پر ٻين مجروح ۽ بيمار روحن لاءِ دوا دارون آهي. شاعري جگر جو خون آهي، جنهن سان علم ۽ فڪر جي باغ جي گلن ۽ ڦلن جي تازگي حسن بندي وابسته آهي. تڏهين ته شاعريءَ کي پيغمبريءَ جو جزو چيو ويو آهي. ٿورن لفظن ۾: شاعري حق جي ڳولائو آهي ۽ باطل کان بيزار آهي، جنهن کي جاهل پنهنجي ناداني جي ڪري ڪفر ۽ گمراهي ٿا سڏين،- جا هلانش ڪفر دانند از خري!- ۽ شاعر، "عاشق زهر پياڪ" آهي، وهه ڏسي پيو وهسي ۽ خوش ٿيئي. شاعر ان ڪري ٿو زهر پيئي جيئن ڪنهن ٻئي معصوم ۽ مظلوم کي ڪٿي زهر نه پِئڻو پوي! اگرڪو ڪيس اهو يقين ڏياري ته ساريءَ دنيا جو زهر هڪ ئي پيري ختم ڪرڻو آهي، پر ڪو پيئڻ لاءِ تيار نه آهي ته پوءِ شاعر ائين ڪرڻ لاءِ تيار آهي. هو چوندو ته- "اهو سمورو زهر مان ئي ٿو پيئان." اصل هڪ قطرو به نه بچائيندو! شاعر هر دور ۾، هر روپ ۾، موجود آهي. سقراط به آهي ته عيسيٰ به آهي ته حسين به آهي. "زهر جو پيالو ۽ صليب ۽ دشت ڪربلا"- شاعر سان لازم ملزوم آهن. شاعر هر دور ۾ هر حق ۽ باطل جي ڪشمڪش جي سلسلي ۾ ڪيڏارو ٿو ڳائي، صليب تي ٿه سواري ڪري يا سوريءَ کي ٿو سينگاري. شاعر هميشه صليب جي ساٻي ۾، سوريءَ تي "منصور" وانگر ٿو چڙهي، ته ڪڏهين "سرمد" وانگر تهه تيغ ٿو رهي، ۽ ڪڏهين ڪربلا ۾ ڪسڻ قبول ٿو ڪري. پر هر حال ۾ حق پسندانه نظريه سان وابسته هوندو، باطل تي ڦٽڪار وجهندي، ڪسي ويندو، پر پڙڪ ٻاهر نه ڪڍندو.

— بابائي سنڌ، حيدر بخش جتوئي، سنڌ جو منصور ۽ سرمد هو، جنهن سوريءَ کي سينگاريو، باطل کي للڪاريو، ظلم ۽ تشدد جي خلاف مقابلو



www.sindhsalamat.com

جڙتيو. سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ هي پهريون شاعر آهي، جنهن روايتي شاعريءَ کان منهن، موڙي جديد شاعريءَ جو بنياد وڌو، انقلابي شاعريءَ جو آغاز ڪيائين. سنڌ جي مظلومانه حال تي رجز خواني ڪيائين. سنڌ کي ڦيڙيندڙ طاقتن کي نغاري جي چوٽ تي للڪاريائين. هارين ۽ مزدورن جي ڪسمپرسيءَ تي ڳوڙها ڳاڙيائين. سنڌ کي ”جيجل ۽ مٺي ماءُ“ سڏيائين، ان لاءِ جيل ڪاٽيائين. آخر ان ئي راهه ۾ پهچي پساهه پورا ڪيائين. گويا هيءُ ئي سنڌي شاعر، پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيو.

ڪلام. حيدر

# جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!

توتي سنڌ هزار سلام!
خوش رهه باغ بهار مُدام!
خوش رهه خندان با آرام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!
”ياءُ آ پنهنجو هر انسان!“
پنهنجو آهي هي ايمان!
پنهنجو آهي هي اِسلام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!
”ڪينو فتنو ٿئي برباد!
”قرب محبت زنده باد!
پنهنجو آهي هي پيغام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!
جيئي سنڌ ۽ جيئي سنڌ!
جامِ محبت پيئي سنڌ!
خاص ۽ عام پيئن هي جام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!
جيئي هند ۽ جيئي سنڌ!
جيئي جيءَ مٺو هر هند!
پيار بهار ٿئي عام ۽ جام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!
سنڌي سهڻو سادو صاف،
هن جي تلاش آ حق انصاف!
هن وٽ آهه نفاق حرام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!
جيئي پنهنجي مٺڙي زبان!
جيئي پنهنجو شعر بيان!
جيئي پنهنجو غزل سلام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!

جيئي جمالو ڇٽلو ڏور!
جيئي دِلڙو، سُرندي سور!
جيئي ڏوهو، ڪافي ڪلام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!
جيئي سنڌو جو درياهه!
جيئي سنڌو! پنهنجو ساهه!
آبِ حيات آ جنهنجو جام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!
جيئي سکر جي بئراج!
جيئي ڳڏوءُ جي ڳج ڳاج!
جيئي ڪوٽڙي ڏمُ ڏام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!
جيئي ٻيلو، نمّ، ٻير!
جيئي ڪيلو، سنڌڙي، سر!
جيئي باغ بهار تمام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!
جيئي ڪاڇو، جيئي ٿر!
جيئي لاڙ، جيئي ڪينجهر!
جيئي منڇر انڇر ڇام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!
جيئي سنڌ زمين دلشاد!
جيئي کيت کيت آباد!
جيئي سر سبزي هر گام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!
جيئي هاري ۽ مزدور!
جيئي هارياڻي پُر نور!
پورهئي اندر صبح ۽ شام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!



www.sindhsalamat.com

چا تون ڪاوڙجي ويئي آن امّان؟
پنهنجي اولاد جي مٿان امّا؟
تي آن بيزار پاڻ مان امّا؟
آهيون ڏوهاري سڀ اسان امّا!
چا سگهي ماءُ ٿي آن ڏاري سنڌ!
تو مٿان ساه صدقي، پياري سنڌ!
اي مٺي جيجل! اي سُنهاري سنڌ!

* * *

جاڳو، اي دوستو! ٿيو بيدار!
پنهنجي قسمت جا ٿي وڃو مُختار!
پنهنجي عزّت جا ٿيو علمبردار!
سنڌ کي بس بنايو هڪ گلزار!
ڪير ماکي ۾ پريو پاري سنڌ!
تو مٿان ساه صدقي، پياري سنڌ!
اي مٺي جيجل! اي سُنهاري سنڌ!

* * *

تو کي ڪنهن ٻچڙي سر ڏنو ناهي!
ڪير جو موت ڪان ڊنو ناهي؟
تنهنجو زنجير ڪنهن چنو ناهي!
تنهنجو دشمن ٿيو ڪنو ناهي!
روڄ ۾ ناه جنهن رُئاري سنڌ!
تو مٿان ساه صدقي پياري سنڌ!
اي مٺي جيجل! اي سُنهاري سنڌ!

* * *

سنڌ کي جنهن وطن ڪيو، آ پاڻُ؛
آه هن سنڌ ماءُ جو هي سپاءُ!
هر مُهاجر لهي ٿو ساڳيو ساءُ؛
تو محبّت منجهان ڪيڏي پڙلاءُ:
هم تمهارے هيں، تو هماری سندھ!
تو مٿان ساه صدقي، پياري سنڌ!
اي مٺي جيجل! اي سُنهاري سنڌ!

* * *

تُنهنجا داناءَ ٿي ويا نادان!
پست همّت حراس ۾ حيران!
ٿي ويا ڪنگال صاحبِ سامان!
ٿي ويا عيّاش نوجوان ارمان!
پانجهن سنڌين سُمهاري سنڌ!
تو مٿان ساه صدقي، پياري سنڌ!
اي مٺي جيجل! اي سُنهاري سنڌ!

* * *

حيدرآباد سنڌ جي آ دِل!
حيدر آباد ڪئي هتي محفل!
دفع ٿي ويئي هاڻي هر مشڪل!
"ون يونٽ" جي بات ٿي باطل!
جشن ۽ عيد ۽ بهاري سنڌ!
تو مٿان ساه صدقي، پياري سنڌ!
اي مٺي جيجل! اي سُنهاري سنڌ!

* * *

## سلام سنڌ!

هي سنڌ پنهنجو ساه آه جان آ حيات آ!
هي پنهنجو روح راحت آه پنهنجي مٺڙي ذات آ!
هي پانهنجو بهار آ باغ آ برات آ!
هي سونهن آ سپاڳ آ سهارو آه ذات آ!
اهوئي پنهنجو ديس آه اهڙو باصفات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ!

....*....

اي سنڌ تو مٿان سدا صلات آ سلام آ!
بهارين ۽ برڪتن جو ميهن توتي عام آ!
عظيم تنهنجو شان آ سعيد تنهنجو نام آ!
سدائين خوش رهين صنم! دُعا هي صبح شام آ!
دُعا هي صبح شام آ دُعا هي ڏينهن رات آ!
اي سنڌ تو مٿان سدا سلام آ صلات آ!

....*....



www.sindhsalamat.com

خليلي بَرد آ، عيسيٰ جو دم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، اِرم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

(٦)

اسان جو توُت ۽ ڪَجّور ڏيهان ڏور آ مشهور!
اسان جي ديس جهڙو ڪاٿي آ بادام آنار انگوُر؟
جبل پنهنجو، زمين پنهنجي سدا سبز ۽ مسرور!
عِوض اناج جي پنهنجي غذا ميون جو رس دستور!
پياري عام ڪي ٿو جام- جم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، اِرم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

(٧)

اسان سادا ۽ صاف انسان، هڪ مشهور قوم آهيون!
اسان آزاد طبع آهيون، اسان غَيّور قوم آهيون!
شجاعت ۾، سخاوت ۾ اسان پربور قوم آهيون!
وطن جي حب، خدمت ۾ اسان منصور قوم آهيون!
نپائي پالي ٿو خيرالامم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، اِرم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

(٨)

اسان تي پئي ٿيا آهن هلان، حملا زمانن کان!
هزارين آفتون ۽ قهر آيا آسمانن کان!
گهڻو ڪجهه پئي سٺو ٿئون پنهنجي پائن ميهمانن کان!
وهيا خونن جا دريا پانهنجي نو روز خانن کان!
انهن جي خون سان ڪاتب قلم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، اِرم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

(٩)

اسان جا پاءَ هرجا باخبر بااِمتياز آهن!
زمين سنڌ ۾، پنجاب ۾ هوُ سرفراز آهن!
لغاري ۽ جمالي ۽ جتوئي جانباز آهن!
مري، مينگل ۽ مگسي، رند بگٽي دلنواز آهن!
ٿو ڪوسو، چانڊيو پالي باڪَرم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، اِرم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

(١٠)

اسان جا پاءَ ڪي ايران ۾ ۽ زاهدان آهن!
بلوچن جا بُخارا، بلخ ۾ پڻ آستان آهن!
پلارا پاءَ پنهنجا روُس ۾ ڪيرغيستان آهن!
عوامي قوُتن حقّن لئي سورهيه پهلوان آهن!
سپن جو آه مرڪز محترم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، اِرم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

(١١)

وطن ۾ داخل آهن ٿي ويا لومڙ بگهڙ اژدر!
بلوچستان جي اندر آٿارن ٿا هوُ فتنو شر!
مگر موجود آهن هت هزارين شير ۽ **حيدر***!
جنهين جي جرُئتن سامهون ڪندا ڇا هي فسادي ڦر!
آ بدنامن جي لئي بندوق بم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، اِرم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

(١٢)

بلوچستان جي هستي ۾ آهي پانهنجي هستي!
بلوچستان سان سهنداسي هرگز ڪين من مستي!
هميشه شاد ۽ خندان وطن جو نام ۽ بستي!
بلوچستان جي دشمن ڪي هردم خواري ۽ پستي!
ستمگر جو ڪندو سر نيث خَم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، اِرم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

(١٣)

ڪيو آ پياري پاڪستان ڪي بيمار "ون يونٽ"!
مُصيبت تي مصيبت جو وڏو آ بار "ون يونٽ"!
ڪيو آ پائرن ڪي پائرن کان ڌار "ون يونٽ"!
عوامي شهرين جي لاءِ آ آزار "ون يونٽ"!
سهي ٿو ڪيئن سگهي اهڙو ستم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، اِرم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

(١٤)

سدا پنجاب خوش! ۽ مشرقي بنگال زنده باد!
سدائين سنڌ مالا مال! آل آطفال زنده باد!
بلوچستان، پٺاڻستان ٻــا اقبال زنده باد!
هي پائيچارو پاڪستان جو خوشحال زنده باد!
دعا اهڙي گهري ٿو دمبدم پنهنجو بلوچستان!
وطن پنهنجو، اِرم پنهنجو، صنم پنهنجو بلوچستان!

## پاڪستان زنده باد

پريو پل قيد خانن ڪي، ڪيو قابو جوانن ڪي
سرايو مهربانن ڪي، نهوڙيو نڪته دانن ڪي،
اجهايو شمعدانن ڪي، ڇڏيو ڪاٿي زبانن ڪي،
پڙهو قومي ترانن ڪي، تہ پاڪستان زنده باد.

---

* علي المرتضيٰ حيدر (بمعنيٰ شير) لاءِ روايت آهي تہ هُن ٻارپڻي جي زماني ۾ هڪ اژدر کي مروڙي ماري ڇڏيو هو.



www.sindhsalamat.com

زمينون ڏيو وڏيرن کي کيو هارين ڪسانن کي،
جيئن سچا بکا سکن سکين روٽين ۽ نانن کي،
مزدورن کي ڇڏيو ماري مٿيو تنجي نشانن کي،
هلايو ڪارخانن کي تہ پاڪستان زنده باد.

عملدارن جي شاهي کي بپاڪيو ۽ بهانن کي،
ڏيو واڳون سپئي واڳن کي ۽ رشوتستانن کي،
تہ ماڙيون ۽ محل ناهل، جي پهچن آسمانن کي،
ڦٽائن عدل خانن کي تہ پاڪستان زند. زنده باد.

اي شاگردو! ڏسو دنيا جي شاگردن جوانن کي،
وڏي هڪ امتحان خاطر ڇڏي ڏيو امتحانن کي،
بنايو پنهنجي نئين دنيا، پچو سڀ پوتخانن کي،
مٽيو نقشن پراڻن کي- تہ پاڪستان زنده باد.

اي صف نازڪ اٿو ۽ ڇڏيو سينگار ڳانن کي،
دليري سان ۽ حريت سان ڏيو شه پهلوانن کي،
ڏيو سر پنهنجي ٻچڙن تي، جواني ڏيو جوانن کي،
ڇڏيو رقصن کي ڳانن کي- تہ پاڪستان زندهباد.

هي آپي خان هي سلطان، چا چا تا ڪدين فرمان،
بنايو آ انهن زندان پنهنجو پيارو پاڪستان،
انهيءَ جي لاءِ تياري ۾ آهي چو طرف طوفان،
جو چڙهندو آسمانن تي- تہ پاڪستان زنده باد.

---

**نياز همايوني**

# سنڌ جو هاري

سنڌ جو هاري، اڃا تائين ائين مظلوم آهہ
ڪالهہ وانگي اڄ بہ پنهنجي حق کان محروم آهہ

ڪيئي سج اُڀريا لٿا، هن مٿي مٿي مهراڻ تي
چوهہ آندا ڪيئي ڇولين، چنڊ جي چانڊاڻ تي

پر اُهائي آهہ اوندهہ، سنڌ جي هاري مٿان
جوش ڪوئي پي نہ اڀريو، ڪنهن جفا ڪاري مٿان

سنڌ جو هاري سڄو، پنيگيو، بکيو جيئندو وتي
موت پي هنڪان پري، بي موت هي مرندو وتي

ٻاهرين جا گهر ڀريا، ٻي گهر اڃي آباد ٿيا
سنڌ جو هاري سندس ٻچڙا رُلي برباد ٿيا

هاءِ اسلامي رياست، تنهنجي معنا پي وئي
دين جي دابي تي هاري کان هي دنيا پي وئي

سنڌ جو ليڊر نڌيري مان وڏيرو ٿي پيو
۽ سياست کي ڪري نيلام ميرو ٿي پيو

ووٽ لئي اسلام کي سوشل بڻائيندو ويو
وقت جو آيو تہ وعدن کان لنوائيندو ويو

هڪ طرف غيرن ڪيو ويران ساري سنڌ کي
ٻي طرف هاري پيو پنهنجو ئي ماري سنڌ کي

هي قيامت، هي جهنم، جيل هاريءَ واسطي
مفت خورن لاءِ جنت، ويل هاري واسطي

روح "حيدر بخش" جو هر حال رڙندو ٿو رهي
پنهنجي هاريءَ کي اهو آواز ڏيندو ٿو رهي

جاڳ اي هاري جو تنهنجي زندگي زائل ٿي وئي
تنهنجي ئي غفلت جي شامت تو مٿان نازل ٿي وئي



www.sindhsalamat.com

فتح علي "حليم" لغاري تلهار

## بابائي سنڌ جي خدمت ۾

١- غريبن جي ٻـڌل ٻيڙي جــو لنگر هـو تـہ حيدر هـــو،
ايــام بيڪسي ۾ پـــي تــونـگر هـــو تـــہ حيدر هـــو،
٢- ستايل سـتـم جـــو هـــاري مٿي جنهن جـــي ٻـيـل واري،
انهيءَ جـي لاء رت هـاري ڪفن ســـر هـو تـہ حيدر هـــو.
٣- ڪنهين بـاغـــي چيـو ٿـــي، ۽ ڪنهين قيدي ســـدا سڏيـــو،
مـگـر آزاد انسان جـــو پـيـمبر هـــو تـــہ حـيـدر هـــو.
٤- اسـان جـــي مـــاءُ آ سنڌڙي انهيءَ جـــي سينڌ تـــان صدقي،
امـڙ جـي سينڌ سرهي جـو، جـي سينڌر هو تـــہ حيدر هـــو.
٥- ڪِڇيءَ ڏهـري جـا ڪئين داڻـان لـڪـيـن لعلون پيون لٽڪن،
مگر سنڌڙي جـي سيرت جـو، جـي گوهر هـو تـہ حيدر هـو.
٦- ايـــوبيءَ دور جـــا ڌڙڪا بـــرابـــر بـــاه جـــا پـــڙڪا،
ســويــن لاشـــا پـئـي لڙڪيا بهادر هـــو تـــہ حـيـدر هـــو.
٧- فتح علي فـــوت ڪان ٻوڏي، جتوئـي جـي مـوت ڪان ٻوڏي
ڏيئـي پـيـو داد دشمن پـي جـي دلبر هـــو تـــہ حيدر هـو.

خاڪي جويو

## مرد خدا منهن موڙيو آ.

سنڌ آهہ پـري اوچنگار ڏني،
ڪنهن مرد خدا منهن موڙيو آ.
ويران ڏسان ٿـو باغ وطـن،
ڇـو بـاد-صبا منهن مـوڙيو آ.
اي سنڌو! تنهنجي سڙڪن تان،
جنهن وقت جڏهن پيو گذريس ٿي،
هـر وڻ ٽڻ وائي وات ٻڌم،
ڪنهن راهنما منهن مـوڙيـو آ.
مون سنڌ امـڙ جـا سڏ ٻڌا،
جي سڏڪن ساڻ سلهاڙيل هئا،
"اڄ آئـون اڪيلي آهيان،
ڇو تو منهنجا ٻچا منهن موڙيو آ؟"
هي مـارو ملڪ ملير ڇڏي،
تون ويندي ڪهڙي وات وٺي؟
مان ڇوندس ڳوڙهن ڳاٽ ڀري،
ڇـو درد دوا منهن مـوڙيو آ.
هن رڻ پٽ ۾ اي راهي ڪيئن،
هي سات سويـرو ٿـولين ٿـو؟
تو پٽ ڌٽيءَ جي پاڻن ڪان،
چاڪاڻ پـلا منهن مـوڙيـو آ.
منهن لڪل هئا منهن-ڪارن جا،
هئا ساهہ سڌيـر سنگهارن جـا،
ڏس ويس وسڻ جا هيئن ڪري،
گهنگهور گهٽا منهن مـوڙيو آ!
هي ڪوڙ جا اڏيل ڪاڪ محل،
هڪ ڏينهن ڏسندي نيٺ ڊهـل،
پرواه نہ آهي 'خاڪي' ڪا،
جـي اهل-وفـا منهن موڙيو آ!

هي ڪتاب، غلام حسين سومرو، جنرل سيڪريٽري سنڌ هاري ڪاميٽي مرتضيٰ پرنٽنگ پريس، ڪوڪر پاڙو حيدرآباد مان ڇپائي هاري آفيس، حيدرآباد مان شايع ڪيو.



www.sindhsalamat.com




www.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جيِ دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنىٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي ڄَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‎ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)